|---|---|---|
| 1 | ٽڪان | 3 |
| 2 | ٽڪان | 6 |
| 3 | ٽڪان | 9 |
| 4 | ٽڪان | 12 |
| 5 | ٽڪان | 15 |
| 6 | ٽڪان | 18 |
| 7 | ٽڪان | 21 |
| 8 | ٽڪان | 24 |
| 9 | ٽڪان | 27 |
| 10 | ٽڪان | 30 |

### عملي ڪم:

4 جي ڪوڙي سان گڏپ ڪريو ۽ لکو.

| گڏپ | شيون |
|---|---|
| هڪ چونڪ چار |  |
| ٻه چونڪ اٺ |  |
| ٽي چونڪ ٻارهن |  |

ساڳي ريت :

چار چونڪ سورهن
پنج چونڪ ويهه
ڇهه چونڪ چوويهه
ست چونڪ اٺاويهه
اٺ چونڪ ٻٽيهه
نو چونڪ ڇٽيهه
ڏهه چونڪ چاليهه

## 4 جي ڪوڙي جي ضربي جدول

| | | |
|---|---|---|
| 1 | چونڪ | 4 |
| 2 | چونڪ | 8 |
| 3 | چونڪ | 12 |
| 4 | چونڪ | 16 |
| 5 | چونڪ | 20 |
| 6 | چونڪ | 24 |
| 7 | چونڪ | 28 |
| 8 | چونڪ | 32 |
| 9 | چونڪ | 36 |
| 10 | چونڪ | 40 |

## مشق 8

1. هيٺين کي پاڻ ۾ ملايو.

| | |
|---|---|
| 3 ٽڪان | 15 |
| 5 ٽڪان | 30 |
| 6 ٽڪان | 9 |
| 9 ٽڪان | 27 |
| 10 ٽڪان | 18 |

2. هيٺين کي پاڻ ۾ملايو.

| | |
|---|---|
| 3 چونڪ | 32 |
| 5 چونڪ | 36 |
| 7 چونڪ | 12 |
| 8 چونڪ | 20 |
| 9 چونڪ | 28 |

3. هيٺيون جايون پريو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| 3 چؤنڪ | 12 | 5 چونڪ | ______ |
| 6 چؤنڪ | ______ | 8 چونڪ | ______ |
| 5 ٽڪاڻ | ______ | 2 ٽڪاڻ | ______ |
| 9 ٽڪاڻ | ______ | | |

## ضرب جوڙجو ورجاءُ

انهن ڪارن کي ڏسو



انهن جا ڪل ڪيترا ڦيٿا آهن؟

اسان 4 کي باربار جوڙ ڪنداسين.

4 + 4 + 4 = 12

يا

ٽي دفعا 4 ٿيندا 12.

اسان ان کي هن طرح به لکي سگهون ٿا:

3 × 4 = 12

ان کي پڙهندؤ: ”ٽي ضربيان چار برابر ٻارنهن“

نوٽ: " × " ضرب جي نشاني آهي.

## عملي ڪم:

شين جي گڏپ ڪريو ۽ لکو:

| گڏپ | شيون |
|---|---|
| $2 + 2 + 2 + 2 = 8$<br>يا چار ٻڪان = 8<br>يا $4 \times 2 = 8$ |  |
| $3 + 3 + 3 + 3 + 3 = 15$<br>يا پنج ٽڪان = 15<br>يا $5 \times 3 = 15$ |  |
| $4 + 4 + 4 + 4 + 4 = 20$<br>يا پنج چؤڪ = 20<br>يا $5 \times 4 = 20$ |  |

## عملي ڪم:

هيٺين کي ملايو:

| | |
|---|---|
| $5 \times 6$ | $5 + 5 + 5 + 5$ |
| $8 \times 4$ | $2 + 2 + 2 + 2 + 2$ |
| $4 \times 5$ | $3 + 3 + 3 + 3 + 3 + 3$ |
| $5 \times 2$ | $4 + 4 + 4 + 4 + 4 + 4 + 4 + 4$ |
| $6 \times 3$ | $6 + 6 + 6 + 6 + 6$ |

## ڪوڙ

### 2 جو ڪوڙو

| 2 جي جوڙ جو ورجاءُ | ضرب جو عمل | پڙهڻ جو طريقو |
|---|---|---|
| 2 | 1 × 2 = 2 | هڪ ٻڪان ٻه |
| 2+2 | 2 × 2 = 4 | ٻه ٻڪان چار |
| 2+2+2 | 3 × 2 = 6 | ٽه ٻڪان ڇهه |
| 2+2+2+2 | 4 × 2 = 8 | چار ٻڪان اٺ |
| 2+2+2+2+2 | 5 × 2 = 10 | پنج ٻڪان ڏهه |
| 2+2+2+2+2+2 | 6 × 2 = 12 | ڇهه ٻڪان ٻارهن |
| 2+2+2+2+2+2+2 | 7 × 2 = 14 | ست ٻڪان چوڏهن |
| 2+2+2+2+2+2+2+2 | 8 × 2 = 16 | اٺ ٻڪان سورهن |
| 2+2+2+2+2+2+2+2+2 | 9 × 2 = 18 | نو ٻڪان ارڙهن |
| 2+2+2+2+2+2+2+2+2+2 | 10 × 2 = 20 | ڏهه ٻڪان ويهه |

### 3 جو ڪوڙو

| 3 جي جوڙ جو ورجاءُ | ضرب جو عمل | پڙهڻ جو طريقو |
|---|---|---|
| 3 | 1 × 3 = 3 | هڪ ٽڪان ٽي |
| 3+3 | 2 × 3 = 6 | ٻه ٽڪان ڇهه |
| 3+3+3 | 3 × 3 = 9 | ٽه ٽڪان نو |
| 3+3+3+3 | 4 × 3 = 12 | چار ٽڪان ٻارهن |
| 3+3+3+3+3 | 5 × 3 = 15 | پنج ٽڪان پندرهن |
| 3+3+3+3+3+3 | 6 × 3 = 18 | ڇهه ٽڪان ارڙهن |
| 3+3+3+3+3+3+3 | 7 × 3 = 21 | ست ٽڪان ايڪيهه |
| 3+3+3+3+3+3+3+3 | 8 × 3 = 24 | اٺ ٽڪان چوويهه |
| 3+3+3+3+3+3+3+3+3 | 9 × 3 = 27 | نو ٽڪان ستاويهه |
| 3+3+3+3+3+3+3+3+3+3 | 10 × 3 = 30 | ڏهه ٽڪان ٽيهه |

## 4 جو ڪوڙو

| پڙهڻ جو طريقو | ضرب جو عمل | 4 جي جوڙ جو ورجاءُ |
|---|---|---|
| هڪ چؤنڪ چار | 1 × 4 = 4 | 4 |
| ٻہ چؤنڪ اٺ | 2 × 4 = 8 | 4+4 |
| ٽہ چؤنڪ ٻارنهن | 3 × 4 = 12 | 4+4+4 |
| چار چؤنڪ سورنهن | 4 × 4 = 16 | 4+4+4+4 |
| پنج چؤنڪ ويهہ | 5 × 4 = 20 | 4+4+4+4+4 |
| ڇهہ چؤنڪ چوويهہ | 6 × 4 = 24 | 4+4+4+4+4+4 |
| ست چؤنڪ اٺاويهہ | 7 × 4 = 28 | 4+4+4+4+4+4+4 |
| اٺ چؤنڪ ٻٽيهہ | 8 × 4 = 32 | 4+4+4+4+4+4+4+4 |
| نو چؤنڪ ڇٽيهہ | 9 × 4 = 36 | 4+4+4+4+4+4+4+4+4 |
| ڏهہ چؤنڪ چاليهہ | 10 × 4 = 40 | 4+4+4+4+4+4+4+4+4+4 |

## 5 جو ڪوڙو

| پڙهڻ جو طريقو | ضرب جو عمل | 5 جي جوڙ جو ورجاءُ |
|---|---|---|
| هڪ پنجان پنج | 1 × 5 = 5 | 5 |
| ٻہ پنجان ڏهہ | 2 × 5 = 10 | 5+5 |
| ٽہ پنجان پندرهن | 3 × 5 = 15 | 5+5+5 |
| چار پنجان ويهہ | 4 × 5 = 20 | 5+5+5+5 |
| پنج پنجان پنجويهہ | 5 × 5 = 25 | 5+5+5+5+5 |
| ڇهہ پنجان ٽيهہ | 6 × 5 = 30 | 5+5+5+5+5+5 |
| ست پنجان پنجٽيهہ | 7 × 5 = 35 | 5+5+5+5+5+5+5 |
| اٺ پنجان چاليهہ | 8 × 5 = 40 | 5+5+5+5+5+5+5+5 |
| نو پنجان پنجيتاليهہ | 9 × 5 = 45 | 5+5+5+5+5+5+5+5+5 |
| ڏهہ پنجان پنجاهہ | 10 × 5 = 50 | 5+5+5+5+5+5+5+5+5+5 |

## 10 جو ڪوڙو

| 10 جي جوڙ جو ورجاءُ | ضرب جو عمل | پڙهڻ جو طريقو |
|---|---|---|
| 10 | 1 × 10 = 10 | هڪ ڏهان ڏهه |
| 10 + 10 | 2 × 10 = 20 | ٻه ڏهان ويهه |
| 10 + 10 + 10 | 3 × 10 = 30 | ٽي ڏهان ٽيهه |
| 10 + 10 + 10 + 10 | 4 × 10 = 40 | چار ڏهان چاليهه |
| 10 + 10 + 10 + 10 + 10 | 5 × 10 = 50 | پنج ڏهان پنجاهه |
| 10 + 10 + 10 + 10 + 10 + 10 | 6 × 10 = 60 | ڇهه ڏهان سٺ |
| 10 + 10 + 10 + 10 + 10 + 10 + 10 | 7 × 10 = 70 | ست ڏهان ستر |
| 10 + 10 + 10 + 10 + 10 + 10 + 10 + 10 | 8 × 10 = 80 | اٺ ڏهان اسي |
| 10 + 10 + 10 + 10 + 10 + 10 + 10 + 10 + 10 | 9 × 10 = 90 | نو ڏهان نوي |
| 10 + 10 + 10 + 10 + 10 + 10 + 10 + 10 + 10 + 10 | 10 × 10 = 100 | ڏهه ڏهان سؤ |

### مشق 9

1. هيٺين کي مڪمل ڪريو.

| | | |
|---|---|---|
| 6 + 6 + 6 + 6 | چار ڀيرا 6 | 4 × 6 |
| 2 + 2 + 2 + 2 + 2 | پنج ڀيرا 2 | |
| 3 + 3 + 3 + 3 + 3 + 3 | | 6 × 3 |
| | ٽي ڀيرا 7 | 3 × 7 |
| 5 + 5 + 5 + 5 | | |

2. خالي خانا ڀريو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 6 | × | 3 | = | ☐ |
| 7 | × | 3 | = | ☐ |
| 9 | × | 4 | = | ☐ |
| 3 | × | 5 | = | ☐ |
| 6 | × | 10 | = | ☐ |
| 7 | × | ☐ | = | 14 |
| ☐ | × | 4 | = | 40 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 2 | × | 5 | = | 10 |
| 3 | × | 2 | = | ☐ |
| 6 | × | 4 | = | ☐ |
| 7 | × | ☐ | = | 70 |
| 8 | × | ☐ | = | 32 |
| ☐ | × | 3 | = | 27 |
| ☐ | × | 5 | = | 30 |

ضربي عمل سان ڳڻپ آسان ٿي ويندي آهي.

**عملي ڪم:**

ڳڻپ ڪري شين جو عدد لکو.



ٽي پيرا چار ملي ڪري 12 ٿين ٿا.

3 × 4 = 12



ٻه پيرا ٽي ملي ڪري 6 ٿين ٿا.

2 × 3 = 6

ضربي عمل

## عملي ڪم:

هيٺ ڏنل ضرب کي ڏنل شڪلين ذريعي ملايو.

| شڪل 1 | شڪل 2 | شڪل 3 |
|---|---|---|
|  |  |  |

| | |
|---|---|
| شڪل 1 | 3 × 5 |
| شڪل 2 | 4 × 3 |
| شڪل 3 | 5 × 4 |

## مشق 10

هيٺ ڏنل شين کي گڏ ڪريو ۽ ضربي عمل لکو.

| | شيون | ضربي عمل |
|---|---|---|
| 1. |  | چار ٽڪان 12<br>يا 4 × 3 = 12 |







ضرب جي عمل ۾ ڪن به ٻن عددن جو نتيجو ڪنهن به ترتيب سان ساڳيو هوندو آهي.

## عملي ڪم:

شين جي ڱٽپ ڪريو ۽ لکو.



اسان ٻن طريقن سان ڱٽپ ڪري سگهون ٿا.

پهريون طريقو



$3 \times 5 = 15$

ٻيون طريقو



$5 \times 3 = 15$

يعني $3 \times 5 = \boxed{15} = 5 \times 3$

ساڳي ريت: $2 \times 3 = \boxed{6} = 3 \times 2$

## مشق 11

1. هيٺين جي ضرب کي مڪمل ڪريو.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| (i) | 5 | × | 3 | = | 3 | × | 5 |
| (ii) | 10 | × | 4 | = | 4 | × | ☐ |
| (iii) | 3 | × | 6 | = | ☐ | × | 3 |
| (iv) | ☐ | × | 4 | = | 4 | × | 5 |
| (v) | 7 | × | ☐ | = | 2 | × | 7 |

2. هيٺين کي ملايو.

| | |
|---|---|
| $3 \times 4$ | $6 \times 4$ |
| $2 \times 10$ | $4 \times 10$ |
| $4 \times 6$ | $7 \times 5$ |
| $5 \times 7$ | $4 \times 3$ |
| $10 \times 4$ | $10 \times 2$ |

اسان ڪوڙا هڪ عدد کي ٻئي عدد سان ضرب ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا آهيون.

## مثال 1:

5 کي 2 سان ضرب ڪريو.

حل:

اسان 2 جو ڪوڙو 5 ڀيرا پڙهندا سين ته 10 ملندا.

تنهنڪري،

10 = 2 × 5 يا

| | |
|---|---|
| | 5 |
| × | 2 |
| 1 | 0 |

| 2 جو ڪوڙو |
|---|
| 1 × 2 = 2 |
| 2 × 2 = 4 |
| 3 × 2 = 6 |
| 4 × 2 = 8 |
| 5 × 2 = 10 |
| 6 × 2 = 12 |
| 7 × 2 = 14 |
| 8 × 2 = 16 |
| 9 × 2 = 18 |
| 10 × 2 = 20 |

## مثال 2:

6 کي 3 سان ضرب ڪريو.

حل:

اسان 3 جو ڪوڙو 6 ڀيرا پڙهندا سين ته 18 ملندا.

تنهنڪري،

18 = 3 × 6 يا

| | |
|---|---|
| | 6 |
| × | 3 |
| 1 | 8 |

| 3 جو ڪوڙو |
|---|
| 1 × 3 = 3 |
| 2 × 3 = 6 |
| 3 × 3 = 9 |
| 4 × 3 = 12 |
| 5 × 3 = 15 |
| 6 × 3 = 18 |
| 7 × 3 = 21 |
| 8 × 3 = 24 |
| 9 × 3 = 27 |
| 10 × 3 = 30 |

## عملي ڪم:

هيٺين جا جواب ڪڍو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| 5 | 8 | 9 | 7 |
| × 4 | × 5 | × 2 | × 3 |
| 20 | | | |

## مشق 12

1. ضرب ڪريو.

(i) 6 کي 3 سان
(ii) 7 کي 2 سان
(iii) 4 کي 5 سان
(iv) 5 کي 5 سان
(v) 9 کي 2 سان
(vi) 8 کي 4 سان

2. خال پريو.

(i) $5 \times 3 =$ ☐
(ii) $6 \times 4 =$ ☐
(iii) $9 \times 5 =$ ☐
(iv) $7 \times 2 =$ ☐
(v) $3 \times 4 =$ ☐
(vi) $9 \times 3 =$ ☐

3. هيٺين جا جواب ڪڍيو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| $8 \times 5$ | $9 \times 4$ | $5 \times 3$ | $4 \times 2$ |
| $9 \times 2$ | $4 \times 3$ | $8 \times 2$ | $7 \times 4$ |
| $4 \times 4$ | $3 \times 3$ | $7 \times 5$ | $5 \times 5$ |

## ضربي خانن ذريعي ضرب جو عمل :

ضربي خانن ۾ اسان هيٺين طريقي تي عمل ڪندا آهيون

1. ہِ انگي عدد کي ايڪن ۽ ڏهاڪن ۾ تقسيم ڪنداسين
2. خانن ۾ عددن کي ضرب ڪنداسين
3. ضرب اُپت کي جوڙ ڪنداسين

### مثال 1:

25 کي 3 سان ضرب ڪريو.

حل:

25 = 20 + 5

ضربي خانا

| × | 20 | 5 |
|---|---|---|
| 3 | 60 | 15 |

| | |
|---|---|
| 6 | 0 |
| + 1 | 5 |
| 7 | 5 |

تنهنڪري،

25 × 3 = 60 + 15
= 75

وضاحت:

- پهرين اسان 25 کي 20 ۽ 5 ۾ ورهائينداسين.
- 20 ۽ 5 کي مٿين قطار ۾ لکنداسين ۽ 3 کي پهرئين ڪالم ۾.
- 3 کي 20 سان ضرب ڪبو تہ 60 ملندا ۽ 3 کي 5 سان ضرب ڪبو تہ 15 ملندا.
- آخر ۾ اسان 60 ۽ 15 کي جوڙ ڪنداسين.

### مثال 2:

34 کي 2 سان ضرب ڪريو.

34 = 30 + 4

ضربي خانا

| × | 30 | 4 |
|---|---|---|
| 2 | 60 | 8 |

| | |
|---|---|
| 6 | 0 |
| + | 8 |
| 6 | 8 |

تنهنڪري،

34 × 2 = 60 + 8
= 68

عدد جي 0 ۽ 1 سان ضرب

ٽي ٻار پنھنجي ماءُ ڪان ڪيلا گهري رهيا آهن.




| | | |
|---|---|---|
| عائشہ وٽ | 0 | ڪيلا آهن |
| طٰہ وٽ | 0 | ڪيلا آهن |
| عافيہ وٽ | 0 | ڪيلا آهن |
| ڪُل ڪيلا | = | $0 + 0 + 0 = 0$ |

يا $\boxed{0} = 3 \times 0$

يعني **ٻڙي کي ڪنهن بہ عدد سان ضرب ڪبو تہ جواب 0 ايندو.**

هاڻ انهن جي ماءِ هر ڪنهن کي 1 ڪيلو ڏنو آهي.




| | | |
|---|---|---|
| عائشہ وٽ | 1 | ڪيلو آهي |
| طٰہ وٽ | 1 | ڪيلو آهي |
| عافيہ وٽ | 1 | ڪيلو آهي |
| ڪُل ڪيلا | = | $1 + 1 + 1 = 3$ |

يا $\boxed{3} = 3 \times 1$

يعني : **هڪ سان ڪنهن عدد کي ضرب ڪبو تہ جوابي عدد ساڳيو ئي هوندو.**

مثال :

i) 6 کي 0 سان ضرب ڪريو

$6 \times 0 = 0$

ii) 5 کي 1 سان ضرب ڪريو

$5 \times 1 = 5$

## مشق 13

1. ضربي خانن ذريعي هيٺين کي ضرب ڪريو.

(i) 17 کي 2 سان
(ii) 32 کي 3 سان
(iii) 26 کي 4 سان
(iv) 12 کي 5 سان
(v) 43 کي 2 سان
(vi) 24 کي 3 سان
(vii) 27 کي 2 سان
(viii) 35 کي 2 سان

2. ضرب ڪريو.

(i) 6 کي 0 سان
(ii) 7 کي 1 سان
(iii) 8 کي 0 سان
(iv) 4 کي 1 سان
(v) 5 کي 0 سان
(vi) 8 کي 1 سان

3. خال ڀريو.

(i) $5 \times 0 =$ ☐
(ii) $7 \times 0 =$ ☐
(iii) $0 \times 4 =$ ☐
(iv) $0 \times 2 =$ ☐
(v) $2 \times 1 =$ ☐
(vi) $9 \times 1 =$ ☐
(vii) $1 \times 5 =$ ☐
(viii) $1 \times 3 =$ ☐

### روزمره جي زندگي جا سوال:

**مثال 1:**



هڪ پينسل جي قيمت 10 رپيا آهي ته اهڙين 6 پينسلن جي قيمت معلوم ڪريو.

| | | |
|---|---|---|
| | هڪ پينسل جي قيمت | = 10 رپيا |
| تنهنڪري، | 6 پينسلن جي قيمت ٿيندي | = 10 × 6 |
| | | = 60 |

| | |
|---|---|
| 1 | 0 |
| × | 6 |
| 6 | 0 |

تنهنڪري، 6 پينسلن جي قيمت آهي 60 رپيا.

**مثال 2:**

هڪ وين جا 4 ڦيٿا آهن ته 7 وينن جا ڪيترا ڦيٿا ٿيندا؟

| | | |
|---|---|---|
| | هڪ وين جي ڦيٿن جو تعداد | = 4 |
| تنهنڪري، | 7 وينن جي ڦيٿن جو تعداد ٿيندو | = 7 × 4 |
| | | = 28 |

| | |
|---|---|
| | 7 |
| × | 4 |
| 2 | 8 |

تنهنڪري، 7 وينن ۾ 28 ڦيٿا آهن.

## مشق 14

1. هڪ چاڪليٽ جي قيمت 5 رپيا آهي ته اهڙن 9 چاڪليٽن جي قيمت ڪيتري ٿيندي؟
2. هڪ ڪمري ۾ چارپکا آهن ته 8 ڪمرن ۾ ڪيترا پنکا هوندا؟
3. هڪ بيدي جي قيمت 22 رپيا آهي ته 6 بيدن جي قيمت ڪيتري ٿيندي؟
4. عبدالرافع هڪ ڏينهن ۾ 35 رپيا خرچ ڪري ٿو ته 7 ڏينهن ۾ هو ڪيترا رپيا خرچ ڪندو؟
5. هڪ ڪار ۾ 4 ماڻهو آهن ته 4 ڪارن ۾ ڪيترا ماڻهو ايندا؟
6. هڪ شرٽ کي 8 بٽڻ لڳل آهن ته اهڙين 5 شرٽن ۾ ڪيترا بٽڻ لڳل هوندا؟
7. هڪ ڪتي جون 4 ٽنگون آهن ته 7 ڪتن جون ڪيتريون ٽنگون ٿينديون؟
8. هڪ سانچي جي قيمت 8 رپيا آهي ته اهڙن 9 سانچن جي ڪيتري قيمت ٿيندي؟

ونڊ :

عملي ڪم:

3 ٻارن عائشه، تنوير ۽ سونيا ۾ 12 انب برابر ورهايو.




هر ٻار کي 4 انب ملندا اسان ٻارن ۾ 12 انب تقسيم ڪيا آهن

ونڊ جو مطلب آهي شين کي برابر تعداد ۾ ورهائڻ

جهڙي طرح ضـــــرب جو مطلب آهي باربارعددن کي جوڙڪرڻ، ائين ونڊ جو مطلب به عددن کي باربار ڪٽ ڪرڻ آهي.

مثال :

10 بيدن کي 2 ٽوڪرين ۾ باربار ڪٽ جي عمل ذريعي ورهايو.



حل:

اچو ته 2 بيدن جي حساب سان باربار ڪٽ ڪريون.



10 - 2 = 8



$8 - 2 = 6$



$6 - 2 = 4$



$4 - 2 = 2$



$2 - 2 = 0$

اچو تہ ڳڻپ ڪريون تہ اسان ڪيترا ڀيرا 2 ڪي ڪٽ ڪيو آهي.

اسان 5 دفعا ڪٽ ڪيو آهي.

تنهنڪري، 10 ونڊيان 2 ٿيندو 5.

يعني: $10 \div 2 = 5$

نوٽ: ونڊ جي نشاني " ÷ " آهي.

## ونڊ جا عمل :

### عملي ڪم:

هيٺ ڏنل جوڙن لاءِ ونڊ جا عمل لکو.

.1



8    4    4

هت 8 شين کي چار چار جي ٻن جوڙن ۾ برابر ورهايو ويو آهي.

يعني 8 ونڊيان 2 ٿيندا 4

يا $8 \div 2 = 4$

.2



6    3    3

هت 6 شين کي ٽي ٽي جي ٻن جوڙن ۾ برابر ورهايو ويو آهي.

يعني 6 ونڊيان 2 ٿيندا 3

يا $6 \div 2 = 3$

## مشق 16

هيت ذٓنل جوڤن لاءِ وندِ جا عمل لکو.

.1



18 ونديان 3 تيندا 6

يعني: $18 \div 3 = 6$

.2



16 ونديان 4 تيندا ___

يعني: ___ ÷ ___ = ___

.3



9 ونديان 3 تيندا ___

يعني: ___ ÷ ___ = ___

اسان کي خبر آهي ته ضرب کي ڪنهن به ترتيب سان ڪري سگهجي ٿو.
مثال طور: 4 × 2 = 8 = 2 × 4
پر ونڊ ڪنهن به ترتيب سان نٿي ڪري سگهجي.
هيٺ ڏنل عملي ڪم کي ڏسو.

## عملي ڪم:




$6 \div 2 = 3$

جيڪڏهن اسان ٻن بالن کي ڇهه ٽوڪرين ۾ ورهائڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته ڇا ٿيندو.



اسان 2 بالن کي 6 ٽوڪرين ۾ نٿا ورهائي سگهون. ڇاڪاڻ ته بالن جو تعداد ٽوڪرين کان گهٽ آهي
تنهنڪري ڪنهن به ترتيب سان ونڊ نٿي ٿي سگهي.

## مشق 17



1. ڇا اسان 8 ڪتاب 12 شاگردن ۾ برابر ورهائي سگهون ٿا؟

ها ☐ يا نه ☑

2. چا اسان 5 بال 5 شاگردن ۾ برابر ورهائي سگهون ٿا؟



ها يا نہ

3. چا اسان 8 پينون 12 شاگردن ۾ برابر تقسيم ڪري سگهون ٿا؟



ها يا نہ

4. چا اسان 15 پينسلون 5 شاگردن ۾ برابر ورهائي سگهون ٿا؟



ها يا نہ



5. چا اسان 12 چاڪليٽ 20 شاگردن ۾ برابر ورهائي سگهون ٿا؟

ها يا نہ

## هڪ انگي ۽ ٻه ـ انگي عددن جي هڪ ـ انگي عدد سان ونڊ (بناپاچي جي):

اسان اڳ ۾ پڙهي آيا آهيون ته ونڊ جو مطلب شين کي بنا پاچي جي برابر تقسيم ڪرڻ آهي.

$6 \div 2 = 3$ (بنا پاچي)

اسان هن طرح به لکي سگهون ٿا:

```
      3      → ونڊ اُپت
ونڊيندڙ ← 2) 6     → ونڊٻي
     - 6
     ---
       0     → پاچي
```

6 کي 2 سان ونڊ ڪرڻ لاءِ اسان 2 جو ڪوڙو پڙهنداسين جيستائين 6 ٿئو اچي.

يعني: $2 \times 3 = 6$

تنهنڪري: $6 \div 2 = 3$

نوٽ: ونڊ ضرب جو اُبتڙ عمل آهي.

**مثال :** ونڊ ڪريو:

1. $8 \div 2 = 4$ چاڪاڻ ته $4 \times 2 = 8$
2. $9 \div 3 = 3$ چاڪاڻ ته $3 \times 3 = 9$
3. $15 \div 5 = 3$ چاڪاڻ ته $3 \times 5 = 15$
4. $20 \div 4 = 5$ چاڪاڻ ته $5 \times 4 = 20$

**مثال :** ونڊ ڪريو:

```
1.     2      2.     2      3.     7      4.     6
    3) 6          2) 4          3) 21         4) 24
     - 6           - 4           - 21          - 24
     ---           ---           ----          ----
       0             0             0             0
```

## مشق 18

.1 ونڊ ڪريو:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| (i | 3 ÷ 6 = | 2 | چاڪاڻ تہ | 2 × 3 = 6 |
| (ii | 4 ÷ 8 = | | چاڪاڻ تہ | ______ |
| (iii | 6 ÷ 24 = | | چاڪاڻ تہ | ______ |
| (iv | 4 ÷ 28 = | | چاڪاڻ تہ | ______ |
| (v | 6 ÷ 36 = | | چاڪاڻ تہ | ______ |

.2 ونڊ ڪريو:

1. 2)8 ______ ______
2. 2)8 ______ ______
3. 4)24 ______ ______
4. 10)20 ______ ______

### روز مره جي زندگي جا سوال :

**مثال 1:**

هڪ شاگرد 5 مضـــمونن مان هر ڪنهن ۾ 15 مارڪون کنيون آهن. ٻڌايو تہ هن جون ڪُل مارڪون ڪيتريون ٿينديون؟

**حل:**

مضمونن جو تعداد = 5

هر مضمون ۾ کنيل مارڪون = 15

مارڪن جو گهربل تعداد = 5 × 15

= 75

تنهنڪري هن جون 5 مضمونن ۾ ڪُل مارڪون آهن 75.

ضربي عمل

| × | 10 | 5 |
|---|---|---|
| 5 | 50 | 25 |

$$\begin{array}{r} 5\,0 \\ +\ 2\,5 \\ \hline 7\,5 \end{array}$$

**مثال 2:**

50 چاڪليٽ 10 شاگردن ۾ برابر ورهايا ويا آهن.
ٻڌايو ته هر ٻار کي ڪيترا چاڪليٽ ملندا؟



**حل:**

چاڪليٽن جو تعداد = 50
شاگردن جو تعداد = 10
چاڪليٽن جو گهربل تعداد = $50 \div 10$
= 5
هر ٻار کي 5 چاڪليٽ ملندا.

## مشق 19

1. 18 صوف 3 شاگردن ۾ برابر ورهايا ويا آهن. ٻڌايو ته هر شاگرد کي ڪيترا صوف ملندا؟
2. 12 وڻ آهن. هر وڻ تي 4 پکي ويٺل آهن. ٻڌايو ته سڀني وڻن تي ڪيترا پکي ويٺل آهن؟
3. 16 ڪتاب 4 ٻارن ۾ برابر ورهايا ويا آهن. ٻڌايو ته هر ٻار کي ڪيترا ڪتاب ملندا؟
4. جيڪڏهن هڪ پين جي قيمت 25 رپيا آهي ته 12 پينن جي ڪيتري قيمت ٿيندي؟
5. جيڪڏهن شازيہ کي روز جي خرچي 20 رپيا ملي ٿي ته 15 ڏينهن گذرڻ کانپوءِ هن کي ڪيتري خرچي ملندي؟

يونٽ 3

# ناڻو

## شاگردن جي سکيا جا نتيجا:

**هن حصي جا باب پورا ٿي وڃڻ کانپوءِ شاگرد ان قابل ٿيندا ته:**

- ✓ عالمي ملڪن جي سڪن، ڊالر، يوآن ۽ ريال جي سڃاڻپ ڪري سگهندا.
- ✓ پاڪستاني ناڻي ۽ ڪجهه خاص عالمي نوٽن (ڊالر، يوآن ۽ ريال) جي جوڙ ۽ ڪٽ سان لاڳاپيل رقمي سوالن کي حل ڪري ويندا.
- ✓ روزمره جي زندگي ۾ پئسي سان لاڳاپيل سوالن (جنهن ۾ پاڪستاني سڪو به شامل آهي) جي جوڙ، ڪٽ، ضرب ۽ ونڊ کي حل ڪري سگهندا.



## رُپيو (Rs):

رپيو پاڪستاني سڪو آهي.

اسان وٽ ڪيترن قسمن جا نوٽ آهن، جنهن ۾ 10 ۽ 20 رپين وارا نوٽ به شامل آهن. توهان کي اها خبر هوندي ته ڏهه رپئي وارا ڏهه نوٽ سئو رپين جي برابر آهن.

اهڙي طرح ويهه رُپئي وارا پنج نوٽ به سئو روپئي جي برابر آهن. هيٺ ڏنل جدول ۾ ڏسندؤ ته توهان کي رقم جي متاسٽا جا مختلف انداز نظر ايندا.







| رقم | نوٽ |
|---|---|
| 20 رپيا | ٻه 10 رپيا |
| 100 رپيا | ڏهه 10 رپيا |
| 8 رپيا | 5 رپئي جو سڪو + 2 رپئي جو سڪو + 1 رپئي جو سڪو |

## ڊالر ($):

ڊالر ($) آمريڪا جو سڪو آهي. ڏهه ڊالر برابر آهن هڪ سئو ڊالر نوٽ جي.






## يوآن (¥) ۽ ريال :

توهان کي اها خبر هجڻ گهرجي ته هر ملڪ جو الڳ سڪو هوندو آهي. چين جو سڪو يوآن آهي ۽ سعودي عرب ريال کي سڪي طور استعمال ڪندو آهي.













**مثال :**

ماهيءَ آمريڪا ۾ رهي ٿي. هوءَ 100 ڊالر ڪُليا ڪرائڻ چاهي ٿي. ان جي بدران هن کي 20 ڊالروارا پنج نوٽ ملي سگهن ٿا. ان کان علاوه هوءَ 100 ڊالر جي بدران ۾ 50 ڊالر وارا يا ڏهه ڊالر وارا ڏهه نوٽ به وٺي سگهي ٿي.

هيٺ ڏنل جدول ۾ ڏسندو ته توهان کي رقم جي متاستا جا مختلف انداز نظر ايندا.

| رقم | نوٽ | |
|---|---|---|
|  20 ڊالر | چار پنج ڊالر |  |
|  20 يوآن | چار پنج يوآن |  |



20 ريال

چار پنج ريال



## مشق 1

.1 هڪ ڪرسيءَ جي قيمت 50 ڊالر آهي ته ان ڪُرسي کي خريد ڪرڻ لاءِ توهان گهٽا 5 ڊالر جا نوٽ ادا ڪندؤ؟

.2 هڪ قلم جي قيمت 30 رپيا آهي. ٻڌايو ته ان جي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ ڪيترن 10 رپين جي نوٽن جي ضرورت آهي؟

.3 هڪ رانديڪي جي قيمت 10 ڊالر آهي. ان جي خريداري لاءِ ڊالر واري نوٽ تي نشان لڳايو.










.4 خال ڀريو.

(i) 10 رپيا = ____________ 5 رپئي وارن سڪن جي.

(ii) 100 ڊالر = ____________ 20 ڊالر جي.

(iii) 10 يوآن = ____________ 5 يوآن نوٽن جي.

(iv) 20 ريال = پ ____________ ريالن جي.

## رقم جي جوڙ:

پيارا شاگردؤ! هن حصي ۾ توهان ناڻي سان لاڳاپيل جوڙ جي سوالن کي حل ڪندو. جئين ته توهان کي معلوم آهي اسان ڪُل رقم معلوم ڪرڻ لاءِ رپئي جي نوٽن تي لکيل رقم کي جوڙ ڪندا آهيون. مثال طور: جيڪڏهن توهان وٽ هڪ 50 رپين جو نوٽ آهي ۽ ٻيو 20 رپئي جو نوٽ ته ان جي ڪل رقم توهان وٽ ٿيندي 70 رپيا. جيڪا برابر آهي: 50 رپيا + 20 رپيا.






### مثال 1:

روحان کي پنهنجي پيءُ وٽان ۾ 20 ڊالر جا نوٽ مليا ۽ هڪ ڏهه ڊالر جو نوٽ سندس ماءُ وٽان مليس. معلوم ڪيو ته هن کي ڪل ڪيتري رقم ملي.

20 ڊالر + 10 ڊالر = 30 ڊالر

### مثال 2:

امينه وٽ 10 ريال، هڪ 20 ريال ۽ 5 ريال جا نوٽ آهن. هن وٽ ڪُل ڪيتري رقم ٿيندي؟

حل: ٽوٽل رقم = 5 + 20 + 10 = 35 ريال

## رقم جي ڪٽ:

اسان واپس مليل رقم معلوم ڪرڻ لاءِ ڪل رقم مان خرچ ٿيل رقم ڪٽ ڪندا آهيون. مثال طور: آمنه وٽ 50 ريال هئا. هن هڪ پينسل خريد ڪئي جنهن جي قيمت 2 ريال هئي. ٻڌايو ته دڪاندار هن کي ڳهڻا پئسا واپس ڪيا؟

حل: ريال 48 = 2 - 50

**عملي ڪم:**

امينه وٽ ۾ 50 رپين وارا نوٽ آهن ۽ شمسه وٽ 100 جو نوٽ آهي. ٻڌايو ته ڪنهن وٽ رقم گهٽ آهي؟

## مشق 2

1. نوٽن جي ڳڻپ ڪري هيٺ ڪل رقم لکو:




ڪل رقم = ______

2. خال پريو.

i) 50 رپيا + 20 رپيا = __________

ii) 100 يوآن - 80 يوآن = __________

iii) 50 ريال = __________ - 10 ريال جي

3. موســـــي وٽ 40 ڊالر آهن. جنهن مان هن 10 ڊالرن جو رانديڪو خريد ڪيو. باقي هن وٽ ڪيتري رقم بچي؟

4. مونا چار قلم في قلم 5 ريال جي حســـــاب سان خريد ڪيا. ٻڌايو ته هن ڪيتري رقم خرچ ڪئي؟

5. هڪ پيءُ پنهنجي ٻارن کي هر مهيني 400 يوآن ڏئي ٿو. هن جا چار پٽ آهن. جيڪڏهن رقم برابر ورهائجي ته هر پٽ کي ڪيتري رقم ملندي؟

6. نيها هڪ رانديڪو خريد ڪرڻ چاهي ٿي جنهن جي قيمت 200 ريال آهي. هن 150 ريال بچائي رکيا هئا. ٻڌايو ته اهو رانديڪو خريد ڪرڻ لاءِ هن کي اجا ڪيتري بچت ڪرڻي پوندي؟

7. راج 25 ڊالرن ۾ هڪ نئون پرس خريد ڪيو آهي. ڪيشيئر کي هو هڪ 20 ڊالرءِ هڪ 10 ڊالر جو نوٽ ڏئي ٿو. هاڻ هن کي ڪيترا پئسا واپس ملندا؟

يونٽ 4

# اڻپور

## شاگردن جي سکيا جا نتيجا:

**هن حصي جا باب پورا ٿي وڃڻ کانپوءِ شاگرد ان قابل ٿيندا تہ:**

- تصـــــويري شڪلين ذريعي مختلف شين جا اڻپور جن ۾ ايڪي وارا اڻپور، بنا ايڪي وارا اڻپور، هم ـ ڇيد اڻپورءِ غيرـ هم ڇيد اڻپور شامل آهن انهن کي نالي سان سڃاڻيءِ لکي سگھندا.
- ايڪي وارن اڻپورن ۽ هم ـ ڇيد اڻپورن کي ( 10 تائين ڇيدن جي مدد سان) وڏ نديائيءِ برابر جي ذريعي ترتيب ۾ رکڻ ۽ ڀيٽ ڪرڻ اچي ويندو.
- همـ ڇيد اڻپورن کي هڪ سڄي مان جوڙءِ ڪٽ ڪري سگھندا (جئين: $\frac{2}{4} = \frac{1}{4} + \frac{1}{4}$).
- تصـــــويري شڪلين ذريعي سمجھي سگھندا تہ ڪنهن شيءِ جا ڏھ ڀاڱا ان کي ڏھ برابر حصن ۾ ورهائڻ سان ۽ ايڪي وارن عددن ۽ مقدارن کي ڏھ حصن ۾ تقسيم ڪرڻ سان ٿيندا آهن.



## اڀپور:

$\frac{1}{4}$ هڪ اڀپور آهي يا اڀپوري عدد آهي. مٿيئن عدد کي انس ۽ هيٺين عدد کي ڇيد چئبو آهي.



### مثال :

هتي ڏنل $\frac{5}{6}$ اڀپور ۾ گول جا رنگدار حصا ظاهر ڪن ٿا ته 6 حصن مان 5 حصا رنگيل آهن. جنهنڪري هن جو انس 5 آهي جڏهن ته 6 ان جو ڇيد آهي.




## ايڪي وارا اڀپور:

جن اڀپورن جو انس 1 هوندو آهي سي ايڪي وارا اڀپور سڏبا آهن.

هن مثال ۾ صوف کي ٻن برابر ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. جنهن جو هر حصو $\frac{1}{2}$ آهي. $\frac{1}{2}$ کي ايڪي وارو اڀپور چئبو آهي.



هتي $\frac{1}{3}$ صوف جو هڪ ڀاڱي ٽي حصو پيش ڪري ٿو. $\frac{1}{3}$ ايڪي وارو اڀپور ٿيندو ڇا ڪاڻ ته ان جو انس 1 آهي.



ايڪي واري اڙپور جا وڌيڪ مثال هيٺ ڏجن ٿا.



$\frac{1}{4}$ $\frac{1}{5}$ $\frac{1}{6}$

**عملي ڪم:**

$\frac{1}{10}$ ايڪي وارو اڙپور آهي. هيٺ ڏيکاريل شڪل ۾ گهڻا $\frac{1}{10}$ اڙپور آهن.




## بنا - ايڪي وارا اڙپور:

اهڙا اڙپور جن جو انس 1 کان وڏو هجي تن کي بنا ايڪي وارا اڙپور سڏيندا آهن.

$\frac{2}{3}$ ايڪي وارو اڙپور ناهي.



$\frac{2}{3}$ ڀاڱا گلابي آهن.

بنا ـ ايڪي وارن اڌپورن جا پيا مثال



$\frac{2}{5}$



$\frac{3}{4}$



$\frac{2}{3}$

## مشق 1



i) هن گول جو ڪهڙو رنگ ايڪي واري اڌپور کي ظاهر ڪري ٿو؟



ii) هن چورس جو ڪهڙو رنگ بنا ـ ايڪي واري اڌپور کي ظاهر ڪري ٿو؟



iii) هن گول جو نيرو رنگ ڪهڙي اڌپور جو آهي؟

iv) ڪهڙو اڌپور ايڪي واري اڌپور کي ظاهر ڪري ٿو؟



$\frac{1}{3}$



$\frac{2}{5}$



$\frac{5}{8}$

v) بنا ـ ايڪي وارن اڌپورن کي گول پايو.

$\frac{1}{4}, \frac{2}{3}, \frac{3}{5}, \frac{1}{8}, \frac{1}{6}, \frac{1}{7}$

## هم ـ چيد اڀپور:

جڏهن ٻه يا ان کان مٿي اڀپورن جو چيد ساڳيو هوندو ته اهڙا اڀپور هم ـ چيد اڀپور سڏبا.

هيٺ ڏنل اڀپور هم ـ چيد اڀپورن جا مثال آهن. چاڪاڻ ته انهن ۾ ڏنل سڀني اڀپورن جو چيد 8 ساڳيو آهي.



$\frac{1}{8}$ $\frac{2}{8}$ $\frac{3}{8}$ $\frac{4}{8}$ $\frac{7}{8}$ $\frac{8}{8}$

### مثال :

$\frac{2}{5}$، $\frac{3}{5}$ ۽ $\frac{1}{5}$ اڀپور هم ـ چيد اڀپورن جا مثال آهن. چاڪاڻ ته انهن جو چيد 5 آهي.



$= \frac{2}{5}$

$= \frac{3}{5}$

$= \frac{1}{5}$

### عملي ڪم:

هيٺ ڏنل اڀپورن ۾ چيد ڪهڙو آهي؟



$\frac{1}{5}$ $\frac{2}{5}$ $\frac{3}{5}$ $\frac{4}{5}$

**هم ـ ڇيد اٽپورن جا ٻيا مثال هي آهن:**

(الف) $\left(\frac{2}{9}, \frac{3}{9}, \frac{5}{9}, \frac{9}{9}\right)$

(ب) $\left(\frac{1}{7}, \frac{2}{7}, \frac{4}{7}, \frac{5}{7}, \frac{7}{7}\right)$

## غير هم ـ ڇيد اٽپور:

ٻہ يا ٻن کان متي اٽپور جن جو ڇيد مختلف هجي تن کي غير هم ـ ڇيد اٽپور سڏبا آهن.

**مثال :**

هن مثال ۾ $\frac{3}{8}, \frac{2}{3}, \frac{3}{5}$ ۽ $\frac{2}{7}$ غير هم ـ ڇيد اٽپور آهن. ڇا لاءِ جو انهن جا ڇيد ساڳيا نہ آهن.



$\frac{3}{8}$    $\frac{2}{3}$    $\frac{3}{5}$    $\frac{2}{7}$

**عملي ڪم:**

ڪهڙي شڪل غير هم ـ ڇيد اٽپور جو مثال آهي.

شڪل الف     شڪل ب



غير هم ـ چيد اڀپورن جا وڌيڪ مثال هي آهن:

(الف) $\left(\frac{1}{2}, \frac{1}{4}, \frac{2}{3}, \frac{5}{6}\right)$

(ب) $\left(\frac{1}{9}, \frac{2}{7}, \frac{3}{4}, \frac{2}{5}\right)$

## مشق 2

1. ٻڌايو تہ هيٺ ڏنل اڀپور هم ـ چيد آهن يا غير هم چيد.

i) $\frac{4}{7}, \frac{3}{7}$ ☐ ii) $\frac{5}{6}, \frac{13}{9}$ ☐

iii) $\frac{8}{5}, \frac{1}{2}$ ☐ iv) $\frac{4}{3}, \frac{5}{3}$ ☐

v) $\frac{1}{4}, \frac{5}{4}$ ☐ vi) $\frac{1}{12}, \frac{6}{11}$ ☐

vii) $\frac{9}{5}, \frac{7}{6}$ ☐ viii) $\frac{13}{13}, \frac{13}{13}$ ☐

2. هم ـ چيد اڀپورن جي جوڙن کي گول جو نشان لڳايو.

i) $\frac{8}{11}, \frac{5}{11}$ ii) $\frac{7}{4}, \frac{2}{3}$

iii) $\frac{1}{6}, \frac{7}{6}$ iv) $\frac{9}{7}, \frac{9}{8}$

3. غير هم ـ چيد اُپورن کي گول جو نشان لڳايو.

i) $\frac{6}{5}$ , $\frac{8}{7}$ | ii) $\frac{1}{9}$ , $\frac{3}{2}$ | iii) $\frac{10}{9}$ , $\frac{2}{9}$ | iv) $\frac{3}{14}$ , $\frac{7}{15}$

## اُپورن جي ڀيٽ:

ڪن ٻه پن هم ـ چيد اُپورن جي ڀيٽ ڪري اسان ٻڌائي سگهون ٿا ته انهن مان ڪهڙو اُپور وڏو ۽ ڪهڙو ننڍو آهي. جنهن اُپور جو انس وڏو هوندو اهو اُپور وڏو ٿيندو.

علي هڪ پيزا جا ڇهه حصا ڪاڍا جيڪو اٺ برابرپاڱن ۾ ورهايو ويو هو ۽ سندس دوست ايتري ئي پيزا جا ست حصا ڪاڍا. ان صورت ۾ چيد 8 ساڳيو رهندو ۽ انس 7، ڇهن کان وڏو ٿي وڃي ٿو تنهنکري $\frac{7}{8}$ وڏو آهي $\frac{6}{8}$ کان.



$\frac{6}{8}$ $\qquad$ $\frac{7}{8}$

### مثال :

هيٺ ڏنل مثال ۾ $\frac{5}{9}$ وڏو آهي $\frac{4}{9}$ کان، چاڪاڻ ته انس 5 وڏو آهي انس 4 کان. جڏهن ته پنهي اُپورن جو چيد ساڳيو آهي.



ان سان گڏ اها ڳالهه ٻه آهي ته چيد ۾ اضافي جو مطلب اهو ٿيندو ته اسان کي ڪنهن سڄي کي پورو ڪرڻ لاءِ ڀاڱن جي تعداد وڌائڻ جي ضرورت آهي.

اڀپور $\frac{1}{2}$ وڏو آهي $\frac{1}{3}$ کان ۽ $\frac{1}{3}$ وڏو آهي $\frac{1}{4}$ کان.




جيڪڏهن ڪنهن اڀپور جو انس ساڳيو هجي پر چيد وڏو هجي ته اهو اڀپور ننڍو ٿي ويندو.
اسان چئي سگهون ٿا ته اڀپور $\frac{1}{4}$ ننڍو آهي $\frac{1}{2}$ کان ۽ $\frac{1}{5}$ ننڍو آهي $\frac{1}{4}$ کان.

**ياد رکڻ جهڙي ڳالهه:**

- چيد ساڳيو آهي پر انس وڏو آهي ته اهو اڀپور وڏو چئبو.
- انس ساڳيو آهي پر چيد ننڍو آهي ته اهو اڀپور به وڏو چئبو.
- جيڪڏهن اڀپورن جو چيد ساڳيو آهي ته توهان انهن کي وڏ نندائي يا نند وڏائي ترتيب ۾ لکي سگهون ٿا.

## مشق 3

1. هيٺ ڏنل مثالن مان ڪن ٻه ٻن اڀپورن جي چونڊ ڪريو ۽ انهن جي ننڍي ۽ وڏي اڀپور جي حساب سان پيٽ ڪريو.




2. ڪهڙو اڀپور وڏو آهي: $\frac{1}{10}$ يا $\frac{3}{10}$.



3. ننڍي اڀپور کي نشان لڳايو.



4. ريما پيزا جو $\frac{3}{5}$ کاڌو ۽ انعم $\frac{4}{5}$. ٻڌايو تہ ڪنهن وڌيڪ پيزا کاڌو؟

5. راج اسڪول کان $\frac{1}{4}$ ڪلوميٽر پري رهي ٿو ۽ پريا $\frac{2}{4}$ ڪلوميٽر پري رهي ٿي. ٻڌايو تہ ڪير اسڪول جي ويجهو رهي ٿو؟

6. دانيال جي باغيچي ۾ $\frac{2}{10}$ گل ۽ $\frac{5}{10}$ پاچيون آهن. ٻڌايو تہ باغيچي ۾ گل وڌيڪ آهن يا پاچيون؟

## هم - ڇيد اڀپورن جي جوڙ:

ٻہ يا ان کان وڌيڪ هم - ڇيد اڀپورن کي جوڙ ڪرڻ لاءِ اسان اڀپورن جا انس جوڙ ڪندا آهيون ۽ ڇيد تبديل نہ ڪندا آهيون.

مثال طور: انيسہ بريڊ جو $\frac{1}{4}$ حصو کاڌو ۽ سندس دوست $\frac{2}{4}$ حصو کاڌو. ٻنهي جو ڪُل معلوم ڪرڻ لاءِ اسان ٻنهي اڀپورن جا انس جوڙ ڪيا. تنهنڪري ٻنهي بريڊ جو $\frac{3}{4}$ حصو کاڌو.

$\frac{2}{4}+\frac{1}{4}=\frac{3}{4}$




**مثال :**

$\frac{3}{8}+\frac{2}{8}=\frac{5}{8}$



هم ڇيد اڀپورن کي جوڙ ڪرڻ لاءِ اسان انس جوڙ ڪري ڇيد جي مٿان لکندا آهيون.

**عملي ڪم:**

$\frac{4}{9}+\frac{3}{9}$ جوجوڙ معلوم ڪريو.

چاڪاڻ تہ ٻنهي ڪي ڇيد ساڳيو آهي تنهنڪري انس پاڻ ۾ جوڙ ڪبا.

$$\frac{4}{9}+\frac{3}{9}=\frac{4+3}{9}=\frac{7}{9}$$

## مشق 4

1. هيٺ ڏنل هم ـ ڇيد اڻپورن کي جوڙ ڪريو.

1) 

$\frac{3}{5}+\frac{1}{5}=\frac{\square}{5}$

$\frac{1}{5}+\frac{3}{5}=\frac{\square}{5}$

2) 

$\frac{5}{7}+\frac{1}{7}=\frac{\square}{7}$

$\frac{1}{7}+\frac{5}{7}=\frac{\square}{7}$

3) 

$\frac{2}{8}+\frac{3}{8}=\frac{\square}{8}$

$\frac{3}{8}+\frac{2}{8}=\frac{\square}{8}$

4) 

$\frac{3}{10}+\frac{4}{10}=\frac{\square}{10}$

$\frac{4}{10}+\frac{3}{10}=\frac{\square}{10}$

## هم ـ ڇيد اٽپورن جي ڪٽ:

هم ڇيد اٽپورن جي ڪٽ ڪرڻ لاءِ اسان انس ڪٽ ڪندا آهيون ۽ ڇيد تبديل نہ ڪندا آهيون.

**مثال :**

عليشہ ڪي پيزا جو $\frac{3}{4}$ حصو مليو جنهن مان هن $\frac{2}{4}$ حصو کاڌو. باقي ڪيترو پيزا بچو؟

سوال کي حل ڪرڻ لاءِ اسان 2 کي 3 مان ڪٽ ڪندا سين تہ 1 ملندو.



$-\frac{1}{4}$

$$\frac{3}{4}-\frac{2}{4}=\frac{1}{4}$$

تنهنڪري بچيل پيزا آهي $\frac{1}{4}$.

**عملي ڪم:**

1)



$\frac{3}{6} - \frac{2}{6} =$ ☐

2)



$\frac{5}{10} - \frac{2}{10} =$ ☐

3)



$\frac{4}{5} - \frac{1}{5} =$ ☐

4)



$\frac{6}{8} - \frac{4}{8} =$ ☐

5)



$\frac{8}{12} - \frac{5}{12} =$ ☐

6)



$\frac{2}{4} - \frac{1}{4} =$ ☐

## مشق 5

جدول ۾ ڏنل سوالن کي حل ڪريو.

| اٽپورن جي ڪٽ | سوال | اٽپور |
|---|---|---|
| $\frac{5}{8}-\frac{2}{8}=\frac{3}{8}$ | علي وٽ $\frac{5}{8}$ ياڳي پيزا هو. هن ان مان $\frac{2}{8}$ حصو کاڌو. باقي ڪيترو بچيو؟ | 1)  |
| $\frac{4}{6}-\frac{1}{6}=\frac{\quad}{6}$ | امينه وٽ $\frac{4}{6}$ ياڳي پيزا هو. هن ان مان $\frac{1}{6}$ حصو کاڌو. باقي ڪيترو بچيو. | 2)  |
| $\frac{\quad}{5}-\frac{\quad}{5}=\frac{\quad}{5}$ | سپنا وٽ $\frac{4}{5}$ ياڳي پيزا هو. هن ان مان $\frac{3}{5}$ حصو کاڌو. باقي ڪيترو بچيو. | 3)  |

4. هيٺ ڏنل اٽپورن کي حل ڪريو.

i) $\frac{5}{8}-\frac{3}{8}$ ii) $\frac{2}{3}-\frac{1}{3}$ iii) $\frac{6}{6}-\frac{3}{6}$

iv) $\frac{1}{2}-\frac{1}{2}$ v) $\frac{2}{10}-\frac{1}{10}$ vi) $\frac{5}{7}-\frac{4}{7}$

يونٽ 5

# الجبرا (نمونا)

## شاگردن جي سکيا جا نتيجا:

هن حصي جا باب پورا ٿي وڃڻ کانپوءِ شاگرد ان قابل ٿيندا تہ:

- ✓ غير عددي نموني جي ورجاءَ کي ڀڻ اهم عنصرن تصويري ۽ عڪسي شڪلين ذريعي وڏائي ۽ واضح ڪري سگهندا.



- ✓ مختلف طريقن سان ہ طرفي پکيڙ ۽ ٽہ طرفي پکيڙ وارين شڪلين وسيلي نمونا ٺاهڻ ۽ وڌائڻ ايندا.







## نمونو:

نموني جو مطلب آهي بار بار ايندڙ عددن ۽ شڪلين کي هڪٻئي جي پٺيان ترتيب ۾ رکڻ.



هن نمونـي ۾ خاص ڳالھ بار بار ايندڙ نيرو ۽ ڳاڙهو رنگ آهن. هي ورجائيندڙ عنصر نموني جي ترتيب کي ظاهر تو ڪري.

## اضافي نمونو:

هن ڏنل مثال ۾ نموني جي شـــــــروعات گول کان ٿئي ٿي. جنهن کان پوءِ ٽڪندي ۽ پنجڪندي جي شـــــڪل ڏني وئي آهي. چا ڪاڻ تہ هن نموني ۾ شـــــڪلون بار بار پيون اچن تنهنڪري پنجڪندي کانپوءِ بہ جيڪي شڪلون اينديون اهي گول ۽ ٽڪندو آهن.



### مثال 1:

هن جڳھ تي نموني کي ٽہ طرفي پکيڙوارين شڪلين سان ڏاهيو ويو آهي. هن مثال ۾ نمونو هڪ مخروط کان شروع ٿئي تو جنهن کانپوءِ ڪعب ۽ مکعب جون شڪلون ڏنل آهن.



### مشق 1

1. هيٺ ڏنل شڪلين جي نموني ۾ ڪهڙي شڪل آخر ۾ ايندي؟



حل:

تصـــويري عڪس ۾ توهان ڏسندو تہ هي نمونو هڪ مســـــتطيل ۽ ٻن پنجڪندن تي مشتمل آهي. تنهنڪري هن تسلسل ۾ ٻن پنجڪندن کانپوءِ مستطيل جو وارو ايندو.

5. ڪالم (الف) جي نموني کي ڪالم (ب) جي نموني سان ملايو.




6. گولن، مخروطن، ڪعبن ۽ مڪعبن مان هر ٽه طرفي پکيڙواري شڪل جا چار سيٽ ڏنا ويا آهن. توهان انهن مان ڪهڙا نمونا ٺاهي سگهو ٿا؟



## سئو جي چارٽ جا نمونا:

هن چارٽ ۾ نمونا معلوم ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا آهن. مثال طور: ڪا به کاٻي کان ساڄي ڏانهن هر قطار ۾ 1 جي نسبت سان عدد ۾ اضافو ٿئي ٿو. مٿي کان هيٺ تائين هر ڪالم ۾ 10 جي نسبت سان عدد وڌي ٿو.

هي 100 انگن وارو چارٽ ڏنو ويو آهي.

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 |
| 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | 30 |
| 31 | 32 | 33 | 34 | 35 | 36 | 37 | 38 | 39 | 40 |
| 41 | 42 | 43 | 44 | 45 | 46 | 47 | 48 | 49 | 50 |
| 51 | 52 | 53 | 54 | 55 | 56 | 57 | 58 | 59 | 60 |
| 61 | 62 | 63 | 64 | 65 | 66 | 67 | 68 | 69 | 70 |
| 71 | 72 | 73 | 74 | 75 | 76 | 77 | 78 | 79 | 80 |
| 81 | 82 | 83 | 84 | 85 | 86 | 87 | 88 | 89 | 90 |
| 91 | 92 | 93 | 94 | 95 | 96 | 97 | 98 | 99 | 100 |

### عملي ڪم:

ڪنهن به شروعاتي عدد ۾ به جو اضافو ڪري نمونو تيار ڪريو. شروعات ڪنهن به عدد کان ڪري سگهجي ٿي.

### مثال :

(i) 2، 4، 6، 8،.......

(ii) 23، 25، 27، 29،.....

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 |
| 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | 30 |
| 31 | 32 | 33 | 34 | 35 | 36 | 37 | 38 | 39 | 40 |
| 41 | 42 | 43 | 44 | 45 | 46 | 47 | 48 | 49 | 50 |
| 51 | 52 | 53 | 54 | 55 | 56 | 57 | 58 | 59 | 60 |
| 61 | 62 | 63 | 64 | 65 | 66 | 67 | 68 | 69 | 70 |
| 71 | 72 | 73 | 74 | 75 | 76 | 77 | 78 | 79 | 80 |
| 81 | 82 | 83 | 84 | 85 | 86 | 87 | 88 | 89 | 90 |
| 91 | 92 | 93 | 94 | 95 | 96 | 97 | 98 | 99 | 100 |

## مشق 2

1. سئو انگن واري چارٽ وسيلي شروعاتي عدد ۾ ٽي جو اضافو ڪري نمونو تيار ڪريو.
2. سئو انگن واري چارٽ ذريعي شروعاتي عدد ۾ 4 جو اضافو ڪري نمونو تيار ڪريو.
3. ڏنل عددي ترتيبن ۾ پوءِ وارو عدد ڪهڙو ٿيندو؟

(الف) 41، 45، 49،.........

(ب) 34، 44، 54،.........



يونٽ 6

# ماپ

## شاگردن جي سکيا جا نتيجا:

### هن حصي جا باب پورا ٿي وڃڻ کانپوءِ شاگرد ان قابل ٿيندا ته:

- ✓ مختلف شين جي ڊيگھ ماپڻ ۽ لکڻ لاءِ ماپ جا معياري ايڪا (ميٽر ۽ سينٽي ميٽر) سڃاڻڻ ۽ استعمال ڪرڻ اچي ويندا.
- ✓ ماپ جي معياري ايڪن (ميٽر ۽ سينٽي ميٽر) جي ذريعي مختلف شين جي ماپ کي وڌيڪ، گھٽ ۽ برابري جي لحاظ کان پيٽي سگھندا.
- ✓ روزمره جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ساڳين ايڪن ۾ ڏنل ماپ جي جوڙ ۽ ڪٽ ڪرڻ سکي ويندا.
- ✓ مختلف شين جي تورڪرڻ ۽ لکڻ لاءِ وزن جي معياري ايڪن (ڪلو گرام ۽ گرام) جي سڃاڻپ ۽ استعمال ڪرڻ ايندو.
- ✓ وزن جي معياري ايڪن (ڪلو گرام ۽ گرام) جي ذريعي مختلف شين جي وزن کي وڌيڪ، گھٽ ۽ برابري جي لحاظ کان پيٽي سگھندا.
- ✓ عام زندگي جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ساڳين ايڪن ۾ وزن جي جوڙ ۽ ڪٽ ڪري سگھندا.
- ✓ مختلف شين جي گنجائش ماپڻ ۽ لکڻ لاءِ گنجائش جي معياري ايڪن (لٽر ۽ ملي لٽر) کي سڃاڻڻ ۽ استعمال ڪرڻ اچي ويندو.
- ✓ ماپ جي معياري ايڪن (لٽر ۽ ملي لٽر) جي ذريعي مختلف شين جي گنجائش کي وڌيڪ، گھٽ ۽ برابري جي لحاظ کان پيٽي سگھندا.
- ✓ روزمره جي زندگي جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ساڳين ايڪن ۾ ڏنل گنجائش جي جوڙ ۽ ڪٽ ڪري سگھندا.
- ✓ تصويري شڪلين ۽ گرمي پد ماپڻ واري پيماني جي انگن واري پٽي ذريعي گرمي جي درجي کي سمجهڻ سان گڏ سيلسيس اسڪيل (°C) ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ اچي ويندو.

هن ڪان اڳ پوئين ڪلاس ۾ اسان مختلف شين جي ڊيگهه، وزن ۽ گنجائش جي ماپ، پيٽ ۽ ترتيب غير معياري ايڪن سان ڪئي هئي. هاڻ انهن شين جي ماپ، پيٽ ۽ ترتيب لاءِ اسان معياري ايڪا استعمال ڪندا سين.

## ڊيگهه :

هر شئي جي ڊيگهه هوندي آهي. ڊيگهه مان اسان کي خبر پوي ٿي ته اها شئي ڪيتري ڊگهي يا ڇوٽي آهي.




مٿين شڪل ۾ وڏي پينسل جي ڊيگهه ننڍي پينسل کان وڌيڪ آهي.

## ڊيگهه جا معياري ايڪا (ميٽر ۽ سينٽي ميٽر) :

ڇا توهان کي ڪنهن پينسل جي ڊيگهه جي خبر آهي؟ يا توهان جي فٽ پٽي ڪيتري ڊگهي آهي؟ شين جي ڊيگهه معلوم ڪرڻ لاءِ اسان ميٽر ۽ سينٽي ميٽر جا ايڪا بلڪل ائين استعمال ڪندا آهيون جئين اسان وٽ ڳڻپ لاءِ عددن جو استعمال ٿيندو آهي. اسان انهن ايڪن جو استعمال ڪنهن شيءِ جي ڊيگهه معلوم ڪرڻ لاءِ ڪندا آهيون.

## ميٽر ڇا آهي؟

ميٽر (m) ڊيگهه جو معياري ايڪو آهي. ميٽرن جو استعمال اسان وٽ وڏين شين جهڙوڪ ريل، رستن ۽ ننڍڙن ورزش جي پيچرن لاءِ ٿئي ٿو.



مٿين شڪل هڪ ميٽر ٽيپ جي آهي. جيڪو مختلف شين جي ڊيگهه ماپڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي.




مٿين شڪل ۾ ميٽر راڊ جي ڊيگهه 1 ايڪو ڏيکاريل آهي.

## سينٽي ميٽر ڇا آهي؟

سينٽي ميٽر (cm) ڊيگهه جو ننڍو ايڪو آهي. اسان سينٽي ميٽرن کي ننڍڙين شين جهڙوڪ پينسلون، ڪتاب ۽ پنهنجو قد به ماپڻ لاءِ استعمال ڪندا آهيون.










مٿين شڪلين ۾ فٽ پٽين جي ڊيگهه ترتيبوار 10 سينٽي ميٽر، 15 سينٽي ميٽر ۽ 20 سينٽي ميٽر ڏيکاريل آهي.

## ميٽرن ۽ سينٽي ميٽرن سان ماپ :

مختلف شين جي ڊيگھ ماپڻ لاءِ اسان ميٽر ۽ سينٽي ميٽر استعمال ڪري سگھون ٿا. اسان ڪنهن ڪتاب جي ڊيگھ سينٽي ميٽرن ۾ ماپ ڪري سگھون ٿا يا ڪنهن بس جي ميٽرن ۾ تہ اها ڪيتري ڊگھي آهي.

**مثال :**

- ميز جي ڊيگھ هڪ ميٽر آهي




- بس جي ڊيگھ تقريباً سورهن ميٽر آهي.



- پينسل 15 سينٽي ميٽر ڊگهي آهي.



- ڪتاب 20 سينٽي ميٽر ڊگهو آهي.



## عملي ڪم:

هيٺ ڏنل شين جي ماپ لکو.

(i)  جي ڊيگھ ماپ ڪبي ______ مِ

(ii)  جي ڊيگھ ماپ ڪبي ______ مِ

(iii)  تنھنجي قد جي ماپ ڪبي ______ مِ

(iv)  جي اوچائي ماپ ڪبي ______ مِ

## مشق 1

1. هيٺ ڏنل شين جي ڊيگھ ماپي سينٽي ميٽرن ۾ لکو.




(i)

(ii)

(iii)

(iv)

(v)

(vi)

(vii)

(viii)

2. پنهنجي ڪلاس جي ڪمري ۾ موجود شــــين جي ڊيگھ ماپي ميٽرن ۾ لکو. (گڏوگڏ ايڪائون لکو).

1. ڪلاس جي ميز جي ڊيگھ = ____________________

2. ڪلاس جي دروازي جي ڊيگھ = ____________________

3. ڪلاس جي بليڪ ورڊ جي ڊيگھ = ____________________

4. ڪلاس جي ڊيسڪ جي ڊيگھ = ____________________

## مختلف شين جي ڊيگھ جي ڀيٽ :

اسان مختلف شين جي ڊيگھ ميٽرن ۽ سينٽي ميٽرن ذريعي ڀيٽي سگھون ٿا. اسان اهو ٻڌائي سگھون ٿا ته هڪ شئي ٻي کان ڪيتري ڊگھي يا ڇوٽي آهي.

**مثال 1:**

4 ميٽر ڪار جي ڊيگھ جي 2 ميٽر جي موٽر سائيڪل سان ڪريو.




جئين ته 4 عدد وڏو آهي 2 کان، تنهنڪري ڪار جي ڊيگھ موٽر سـائيڪل کان وڌيڪ آهي.

**مثال 2:**

15 سينٽي ميٽر پينسل جي ڊيگھ جي ڀيٽ 12 سينٽي ميٽر جي موبائل سان ڪريو. جئين ته 15 جو عدد 12 کان وڏو آهي تنهنڪري پينسـل جي ڊيگھ موبائل کان وڌيڪ آهي.



**مثال 3:**

5 ميٽريت جي ڊيگهه جي ڀيٽ 16 ميٽرن جي بس سان ڪريو.




جئين تہ 5 ننڍو آهي 16 کان, تنهنڪري 5 ميٽريت جي ڊيگهه 16 ميٽر جي بس کان گهٽ تيندي.

**مثال 4:**

20 سينٽي ميٽر ڪتاب جي ڊيگهه جي ڀيٽ ٻار جي 45 سينٽي ميٽر ٻانهن سان ڪريو.




جئين تہ 20 ننڍو آهي 45 کان, تنهنڪري ڪتاب جي ڊيگهه ٻار جي ٻانهن کان گهٽ تيندي.

**مثال 5:**

15 سينٽي ميٽر پينسل جي ڊيگهه جي ڀيٽ ڀار جي 15 سينٽي ميٽر پين سان ڪريو.




جيئن ته 15 ۽ 15 پاڻ ۾ برابر آهن تنهنڪري پينسل جي ڊيگهه پين سان هڪجيتري آهي.

**مثال 6:**

50 سينٽي ميٽر ڳاڙهي شرٽ جي ڊيگهه جي ڀيٽ 50 سينٽي ميٽر نيري شرٽ سان ڪريو.




جيئن ته 50 ۽ 50 پاڻ ۾ برابر آهن تنهنڪري ڳاڙهي شرٽ نيري شرٽ جيتري ڊگهي آهي.

## مشق 2

1. ڪهڙي شيءِ ڊگهي آهي. 15 سينٽي ميٽر پينسل يا 30 سينٽي ميٽر فٽ پٽي؟

   ______ ڊگهي آهي ______ کان.

2. ڇا 2 ميٽر ڪتابن جو ڪٻٽ 3 ميٽر بيڊ کان ڊگهو آهي يا ننڍو؟

   ______ ڊگهو آهي ______ کان.

3. 100 ميٽر فٽ بال جي ميدان جي ڊيگهه جي ڀيٽ باسڪٽ بال جي 28 ميٽر سان ڪريو.

   ______ ننڍو آهي ______ کان.

4. ڪهڙي شيءِ ڊگهي آهي. 25 سينٽي ميٽر جوتو يا 15 سينٽي ميٽر ڪتاب؟

   ______ ڊگهو آهي ______ کان.

5. 100 ميٽر فٽبال جي ميدان جي ڊيگهه جي ڀيٽ ڪرڪيٽ جي 100 ميٽر ميدان سان ڪريو.

   فٽبال ۽ ڪرڪيٽ جي ميدان جي ڊيگهه ______ آهي.

6. 15 سينٽي ميٽر موبائل جي ڊيگهه جي ڀيٽ 15 سينٽي ميٽر پين سان ڪريو.

   موبائل ۽ پين جي ڊيگهه ______ آهي.

### جوڙ ۽ ڪٽ (روزمره جي زندگي جا سوال) :

اسان عام زندگي ۾ مختلف شين جي ڊيگهه جي جوڙ ۽ ڪٽ سانگين ايڪن ۾ ڪري سگهون ٿا. هتي ان جا ڪجهه مثال ڏنا ويا آهن.

## مثال 1:




باغيچي جي رستي جي ڊيگھ 8 ميٽر آهي. جيڪڏهن اسان ان کي 2 ميٽر وڌيڪ وڌايون تہ ان جي ڊيگھ ڪيتري ٿيندي؟

**حل:**

رستي جي ڊيگھ = 8 ميٽر
اضافي ڊيگھ = 2 ميٽر +
ڪُل ڊيگھ = 10 ميٽر




باغيچي جي رستي جي ڪل ڊيگھ ٿيندي 10 ميٽر.

## مثال 2:

رانديڪي نُما ريل گاڏي جي ڊيگھ 80 سينٽي ميٽر آهي. جيڪڏهن ان ۾ هڪ وڌيڪ 2 سينٽي ميٽر ڊگھي گاڏي کي جوڙيو وڃي تہ ريل گاڏي جي ڪُل ڪيتري ڊيگھ ٿيندي؟




**حل:**

ريل گاڏي جي ڊيگھ = 80 سينٽي ميٽر
گاڏي جي ڊيگھ = 2 سينٽي ميٽر +
ڪل ڊيگھ = 88 سينٽي ميٽر

### مثال 3:



حسين ڪاغذ جي پني تي 25 سينٽي ميٽر ڊگهي لڪير ڪڍي ٿو. پوءِ ان لڪير جو 10 سينٽي ميٽر حصو مٽائي ٿو ڇڏي. ٻڌايو ته لڪير جي باقي ديگھ ڪيتري آهي؟

حل:

لڪير جي ديگھ = 25 سينٽي ميٽر
لڪير جو ڊاٿل حصو = 10- سينٽي ميٽر
لڪير جي باقي ديگھ = 15 سينٽي ميٽر

اهڙي طرح باقي لڪير جي ديگھ ٿيندي 15 سينٽي ميٽر.

### مثال 4:



رانديڪي نما ريل گاڏي جي پٽڙي جي ديگھ 18 ميٽر آهي. جيڪڏهن 5 ميٽر پٽڙي ڪڍي ڇڏجي ته هاڻ پٽڙي جي ديگھ گهٽي ٿيندي؟

حل:

پٽڙي جي ديگھ = 18 ميٽر
ڪڍيل پٽڙي جي ديگھ = 5- ميٽر
باقي پٽڙي جي ديگھ = 13 ميٽر

ان طرح باقي پٽڙي جي ديگھ ٿيندي 13 ميٽر.

## مشق 3

(1) هڪ پينسل 15 سينٽي ميٽر ڊگهي آهي ۽ هڪ فٽ پٽي 20 سينٽي ميٽر ڊگهي آهي. ٻڌايو ته پينسل ۽ فٽ پٽي جي ڪل ديگھ ڪيتري ٿيندي؟

حل:

پينسل جي ديگھ = ____________
فٽ پٽي جي ديگھ = ____________
ڪُل ديگھ = ____________

2) هڪ هاءِ وي 500 ميٽر ڊگھو آهي ۽ ان کي ڳنڍيندڙ پيو روڊ 250 ميٽر ڊگھو آهي. ٻڌايو ته هاءِ وي ۽ ان ڳنڍيندڙ روڊ جي ڪُل ڊيگھ ڪيتري ٿيندي؟

حل:

هاءِ وي جي ڊيگھ = ____________

ڳنڍيندڙ روڊ جي ڊيگھ = ____________

ڪُل ڊيگھ = ____________

3) علي 100 ميٽر ڊوڙي ٿو ۽ سندس دوست 75 ميٽر ڊوڙي ٿو. ٻڌايو ته ڪير وڌيڪ ڊوڙيو؟

حل:

علي جي ڊوڙ = ____________

سندس دوست جي ڊوڙ = ____________

علي وڌيڪ ڊوڙي ويو = ____________

4) هڪ ڊريس 90 سينٽي ميٽر ڊگھي آهي. درزي ان کي 18 سينٽي ميٽر ننڍو ڪري ڇڏي. هاڻ ان ڊريس جي ڊيگھ ڪيتري ٿيندي؟

حل:

ڊريس جي ڊيگھ = ____________

درزي پاران ننڍو ڪيل = ____________

هاڻ ڊريس جي ڊيگھ ٿيندي = ____________

5) عائشــــــه وٽ 60 سينٽي ميٽر ڊگھي رٻن آهي. جنهن مان هن 40 سينٽي ميٽر استعمال ڪئي. باقي بچيل رٻن جي ڊيگھ ڪيتري ٿيندي؟

حل:

ڪُل رٻن جي ڊيگھ = ____________

استعمال ٿيل رٻن = ____________

بچيل رٻن جي ڊيگھ ٿيندي = ____________

6) شاهد جو پيءُ 185 سينٽي ميٽر ڊگهو آهي ۽ اويس پنهجي پيءُ کان 85 سينٽي ميٽر ڇوٽو آهي. ٻڌايو ته اويس جو قد ڪيترو آهي؟

حل:

شاهد جي پيءُ جو قد = ____________

اويس پنهنجي پيءُ کان ڇوٽو آهي = ____________

اويس جو قد ٿيندو = ____________

## مايو / وزن :

ڇا توهان ڪڏهن سوچيو آهي ته ڪتابن سان ڀريل ٿيلهو خالي ٿيلهي کان ڳرو ڇو هوندو آهي؟

ڇاڪاڻ ته ان خالي ٿيلهي جي بنسبت ڪتابن واري ٿيلهي ۾ وزن هوندو آهي.
اسان شين جو وزن انهن جي وزني يا هلڪي هجڻ لاءِ ڪندا آهيون.



## مايي / وزن جا معياري ايڪا :

ڇا توهان ڪي پهنجي پسنديده رانديڪي يا ڪتاب جي وزن جي باري ۾ خبر آهي؟ اسان معياري ايڪن وسيلي شين جو وزن ڪري سگهون ٿا جن ڪي ڪلو گرام ۽ گرام چوندا آهن.

نوٽ: هتي اسان مايي ۽ وزن جو اصطلاح هڪيئي لاءِ استعمال ڪنداسين.

## ڪلوگرام ڇا آهي؟

ڪلوگرام (Kg) وزن جو معياري ايڪو آهي. اسان ڪلوگرام کي وزني شين جئين اٽي جو ٿيلهو وغيره جي ماپ لاءِ استعمال ڪندا آهيون.








**مثال :**

صوفن جو مايو / وزن هڪ ڪلو گرام آهي.

گوشت جو مايو / وزن ٻه ڪلوگرام آهي.





**عملي ڪم:**

(i) پنهنجو وزن ڪلوگرام ۾ ڪيو.

(ii) پنهنجي اسڪول جي ٿيلهي جووزن ڪلوگرامن ۾ ڪيو.

## گرام ڇا آهي؟

گرام (gm) ماپي/وزن جو ننڍو ايڪو آهي. اسان گرامن جو استعمال هلڪين شين جئين پينسل يا ڪنهن ننڍي رانديڪي وغيره جي تور لاءِ ڪندا آهيون.

**مثال :**

پينسل جو وزن 20 گرام آهي.

ننڍڙي رانديڪي نُما ڪار جو وزن 30 گرام آهي.




**ياد رکو:**

ڪلو گرام وزني شين لاءِ استعمال ٿيندا آهن.

گرام هلڪين شين لاءِ استعمال ٿيندا آهن.

### مشق 4

1. هيٺين شين جو وزن ڪرڻ لاءِ مناسب ايڪو ڏسو.

(الف) هڪ  جي تور ٿيندي گرام يا ڪلو گرام ۾

(ب) هڪ  جي تور ٿيندي گرام يا ڪلو گرام ۾

(ج) هڪ  جي تور ٿيندي گرام يا ڪلو گرام ۾

(د) هڪ  جي تور ٿيندي گرام يا ڪلو گرام ۾

2. شين جو وزن لکو:

(الف) پينسل جو وزن گرامن ۾ ٿيندو = ____________

(ب) سائنچي جو وزن گرامن ۾ ٿيندو = ____________

(ج) ست سالن جي ڇوڪري جو وزن ڪلو گرامن ۾ ٿيندو = ____________

(د) ٽماٽن جي ٿيلهي جو وزن ڪلو گرامن ۾ ٿيندو = ____________

## مختلف شين جي وزن جي ڀيٽ:

اسان معياري ايڪن (ڪلو گرام ۽ گرام) جو استعمال ڪري مختلف شين جي وزن جي ڀيٽ ڪري سگهون ٿا. اسان اهو پڌائي سگهون ٿا ته ڪهڙي شئي ڪهڙي شئي کان وزني آهي يا هلڪي.

**مثال 1:**

50 گرام رانديڪي نما ٽرڪ جي وزن کي 30 گرام ڪار جي وزن سان ڀيٽ ڪريو.




جيئن ته 50 گرام 30 گرام کان وڌيڪ آهن تنهنڪري ٽرڪ جو وزن ڪار کان وڌيڪ آهي.

## مثال 2:

1ڪلو گرام پاڻي جي بوتل جي وزن جي 2 ڪلو گرام اسڪول جي ٿيلهي سان ڀيٽ ڪريو.




جيئن ته 1 ننڍو آهي 2 کان، تنهنڪري پاڻي جي بوتل جو وزن اسڪول جي ٿيلهي کان گهٽ آهي.

## مثال 3:

20گرام پينسلن جي باڪس جي وزن جي ڀيٽ 20 گرام خالي لنچ باڪس سان ڪريو.




جيئن ته ٻئي برابر آهن تنهنڪري پينسلن جي باڪس جو وزن لنچ باڪس جي برابر آهي.

## مثال 4:

3 ڪلوگرام ٽماٽن جي وزن جي 2 ڪلوگرام پٽاٽن سان ڀيٽ ڪريو.




جئين ته 3 وڏا آهن 2 کان، تنهنڪري 3 ڪلوگرام ٽماٽن جو وزن 2 ڪلوگرام پٽاٽن کان مٿي ٿيندو.

## مثال 5:

80 گرام هڪ صوف جي وزن جي 120 گرام نارنگي سان ڀيٽ ڪريو.




جئين ته 80 گرام 120 کان گهٽ آهن تنهنڪري صوف جو وزن نارنگي کان گهٽ ٿيندو.

**مثال 6:**

5 ڪلوگرام کنڊ جي ٿيلهي جي 5 ڪلوگرام اٽي جي ٿيلهي سان ڀيٽ ڪريو.




جئين ته 5 برابر آهن 5 جي تنهنڪري کنڊ جو ٿيلهو وزن ۾ اٽي جي ٿيلهي جي برابر آهي.

## مشق 5

1. صوفن جي هڪ ٿيلهي جو وزن 3 ڪلو گرام آهي. جڏهن ته نارنگين جي ٿيلهي جو وزن 1 ڪلوگرام آهي. ڪنهن جو وزن وڌيڪ آهي؟

جئين ته 3 وڏو آهي 1 کان.

تنهنڪري، ـــــــــــــــــــ جو وزن وڌيڪ آهي.

2. هڪ پيپر ڪلپ جو وزن 5 گرام آهي ۽ هڪ پين جو وزن 20 گرام. ڪنهن جو وزن وڌيڪ آهي.

جئين ته 20 وڏا آهن 5 کان

تنهنڪري، ـــــــــــــــــــ جو وزن وڌيڪ آهي.

3. هڪ ننڍڙي رانديڪي نما ڪار جو وزن 50 گرام آهي جڏهن ته هڪ ٽرڪ جو وزن 75 گرام آهي. ڪنهن جو وزن گھٽ آهي؟
جئين ته 50 گھٽ آهن 75 کان
تنهنڪري، __________ جو وزن گھٽ آهي.

4. علي جو وزن 20 ڪلو گرام آهي جڏهن ته سندس دوست امجد جو وزن 24 ڪلو گرام آهي. ٻنهي مان ڪير هلڪو آهي؟
جئين ته 20 گھٽ آهن 24 کان
تنهنڪري ٻنهي مان __________ هلڪو آهي.

5. 500 گرام ڪتاب جي وزن جي ڀيٽ 500 گرام کنڊ جي ٿيلهي سان ڪريو.
جئين ته 500 برابر آهن 500 جي
تنهنڪري، ٻنهي جو وزن __________ آهي.

## مايي / وزن جي جوڙ ڪٽ :

ڇا توهان کي خبر آهي ته مزيدار ڪيڪ ٺاهڻ لاءِ ڪيتري اٽي ۽ کنڊ جي ضرورت پوندي آهي؟ مايي جي تور (يا وزن) روزمره جي زندگي جو ضروري هنر آهي. هن حصي ۾ اسان عام زندگي ۾ پيش ايندڙ مسئلن جي حل لاءِ سکنداسين ته ڪهڙي طرح ساڳين ايڪن ۾ ڏنل وزن جي جوڙ ڪٽ ڪري سگهجي ٿي.

### مثال 1:

هڪ شاگردياڻي 100 گرام ڳاڙهي گجر ۽ 80 گرام صوف پنهنجي لنچ باڪس ۾ رکي ٿي. ٻڌايو ته لنچ باڪس جو ڪل ڪيترو وزن آهي؟



حل:

| | | |
|---|---|---|
| گجرن جو وزن | = 100 گرام | |
| صوفن جو وزن | = 80 گرام | + |
| لنچ باڪس جو ڪل وزن | = 80 گرام | |

اهڙي طرح لنچ باڪس جو ڪل وزن 180 گرام ٿيندو.

## مثال 2:







اسما 40 ڪلو گرام اٽي جو ٿيلهو ۽ 20 ڪلو گرام چانورن جو ٿيلهو خريد ڪري ٿي. ٻڌايو ته ٻنهي ٿيلهن جو ڪُل وزن ڪيترو ٿيندو؟

حل:

اٽي جي ٿيلهي جو وزن = 40 ڪلو گرام

چانورن جي ٿيلهي جو وزن = 20 ڪلو گرام +

ٻنهي ٿيلهن جو ڪُل وزن = 60 ڪلو گرام

ان طرح اٽي ۽ چانورن جي ٿيلهن جو ڪل وزن 60 ڪلو گرام ٿيندو.

## مثال 3:



علي 250 گرام اسٽرابري خريد ڪئي. جنهن مان 50 گرام اسٽرابري هو کائي ويو. ٻڌايو ته باقي ڪيترا گرام اسٽرابري بچي؟

حل:

ڪل اسٽرابري جو وزن = 250 گرام

کاڌل اسٽرابري = 50 گرام -

باقي بچيل اسٽرابري = 200 گرام

اهڙي طرح 200 گرام اسٽرابري هن وٽ بچي.

## مثال 4:




چانورن جي هڪ ٿيلهي جو وزن 20 ڪلو گرام آهي. جيڪڏهن 5 ڪلو گرام چانوران مان ڪڍيا وڃن ته ان ٿيلهي جو وزن هاڻ ڪيترو ٿيندو؟

حل:

چانورن جي ٿيلهي جو وزن = 20 ڪلو گرام

ڪڍيل چانورن جو وزن = 5 ڪلو گرام -

ٿيلهي جو هاڻ ڪيل وزن = 15 ڪلو گرام

اهڙي طرح ٿيلهي جو وزن 15 ڪلو گرام ٿيندو.

## مشق 6

1. اٽي جي هڪ ٿيلهي جو وزن 50 ڪلوگرام آهي. جيڪڏهن 20 ڪلوگرام کنڊ ان سان گڏ شامل ڪئي وڃي ته ان ٿيلهي جو ڪل وزن ڪيترو ٿيندو؟

حل:

اٽي جو وزن = ____________

کنڊ جو وزن = ____________

ٿيلهي جو ڪُل وزن = ____________

2. ڪافي جي هڪ پيڪٽ جو وزن 250 گرام آهي. جيڪڏهن ان سان گڏ 75 گرام کنڊ جي پيڪٽ جو به وزن ڪيو وڃي ته ڪافي ۽ کنڊ جو گڏيل وزن ڪيترو ٿيندو؟

حل:

ڪافي جو وزن = ____________

کنڊ جو وزن = ____________

ڪُل وزن = ____________

3. پٽاٽن جي هڪ بوري جو وزن 15 ڪلوگرام آهي. جيڪڏهن ان مان 7 ڪلوگرام پٽاٽا ڪڍي ڇڏجن ته بوري جو باقي وزن ڪيترو ٿيندو؟

حل:

پٽاٽن جو ڪل وزن = ____________

ڪڍيل پٽاٽا = ____________

باقي بچيل پٽاٽن جو وزن= ____________

4. چاڪليٽن جي هڪ پيڪٽ جو وزن 300 گرام آهي. جيڪڏهن ان مان 250 گرام چاڪليٽ ڪاڍا ويا آهن ته باقي چاڪليٽن جو وزن ڪيترو ٿيندو؟

حل:

چاڪليٽن جو وزن = ____________

ڪاڍل چاڪليٽ = ____________

باقي بچيل چاڪليٽن جو وزن = ____________

## گنجائش :



گنجائش جو مطلب آهي پاڻياٺ يا ٻئي ڪنهن مادي جو مقدار ڪنهن برتن يا ڪنهن ٻي شيءِ ۾ سماجي سگهي.

مثال طور: جڳ جي گنجائش 8 گلاس آهي.

## وزن جا معياري ايڪا:

ڪنهن برتن ۾ موجود پاڻياٺ يا ڪنهن ٻئي مادي جي پيمائش ڪرڻ لاءِ گنجائش جا معياري ايڪا لترءِ ملي لتر استعمال ٿيندا آهن.

## لتر ڇا آهي؟

لتر (L) مقدار يا گنجائش جو معياري ايڪو آهي جيڪو عام طور تي پاڻياٺ جي مقدار کي ماپڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

پاڻي جي مقدار ماپڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ماپا هيٺ ڏجن ٿا.




**مثال :**

هيٺ ڏنل پاڻي جي جڳ جي گنجائش جي ماپ ڪريو.



هاڻ اسان جڳ ۾ پاڻي جي گنجائش ماپڻ لاءِ لٽر جي ماپي کي استعمال ڪنداسين.




معلوم ٿيو ته پاڻي جي جڳ جي گنجائش 1 لٽر آهي.

**عملي ڪم:**
توهان وٽ موجود پاڻي جي بوتل جي گنجائش کي لٽر ۾ ماپيو.

## ملي لٽر ڇا آهي؟




ملي لٽر (ml) پاڻياٺ شين کي ماپڻ جو هڪ ننڍڙو ايڪو آهي.
مثال طور: ائين چئون ته توهان وٽ هڪ ننڍڙي پاڻي جي بوتل آهي جنهن ۾ 1000 پتڪڙا پاڻي جا ڪوپ پون ٿا. انهن مان هر پتڪڙو ڪوپ هڪ ملي لٽر جي برابر آهي. جنهنڪري پاڻي جي بوتل ۾ 1000 ملي لٽر پاڻي اچي سگهي ٿو.

**مثال :**
ڪولڊ ڊرنڪ جي گلاس جي گنجائش کي ماپيو.



هاڻ ٽڌي پاڻي جي مقدار ماپڻ لاءِ اسان ملي لٽر جي ماپي کي استعمال ڪنداسين.




خبر پئي ته ٽڌي پاڻي جي گلاس جي گنجائش 200 ملي لٽر آهي.

**عملي ڪم:**

سُئي جي ذريعي پاڻي جي گلاس جي گنجائش کي ملي لٽر ۾ ماپيو.

## مختلف شين جي گنجائش جي ڀيٽ:

### مثال 1:

2 لٽر پاڻي جي جڳ جي مقدار جي ڀيٽ 1 لٽر جوس جي ڏٻي سان ڪريو.




جئين ته 2 وڏو آهي 1 کان، تنهنڪري پاڻي جي جڳ جي گنجائش جوس جي ڏٻي کان وڏيڪ آهي.

### مثال 2:

100 ملي لٽر سوڊا جي گلاس جي گنجائش جي ڀيٽ 20 ملي لٽر دوائن جي ڊراپر سان ڪريو.







جيئن ته 100 وڏو آهي 20 کان، تنهنڪري دوائن جي ڊراپر جي بنسبت سوڊا جي گلاس ۾ گنجائش وڌيڪ آهي.

**مثال 3:**

20 لٽر تيل جي ٽئنڪ جي گنجائش جي ڀيٽ 50 لٽر وڏي ٽئنڪ سان ڪريو.




جئين ته 20 ننڍو آهي 50 کان، تنهنڪري وڏي ٽئنڪ کان ٻي ٽينڪ جي گنجائش گهٽ آهي.

**مثال 4:**

50 ملي لٽر چانهه جي ڪوپ جي گنجائش جي ڀيٽ ان کان وڏي 100 ملي لٽر واري ڪوپ سان ڪريو.




جئين ته 50 ننڍو آهي 100 کان، تنهنڪري وڏي ڪوپ جي ڀيٽ ۾ ٻي ڪوپ جي گنجائش گهٽ آهي.

**مثال 5:**

500 لٽر تيل جي ٽئنڪر جي ڀيٽ 500 لٽر پاڻي جي ٽئنڪر سان ڪريو.




جئين ته 500 ۽ 500 ٻئي برابر آهن، تنهنڪري تيل جي ٽئنڪر ۽ پاڻي جي ٽئنڪر جي گنجائش هڪجيتري آهي.

**مثال 6:**

50 ملي لٽر خوشبوءِ جي بوتل جي گنجائش جي ڀيٽ ان جيتري ئي 50 ملي لٽر بوتل سان ڪريو.




جئين ته ٻئي 50 ملي لٽر برابر آهن، تنهنڪري ٻنهي جي گنجائش هڪجيتري آهي.

## مشق 7

1. جوس جي هڪ دٻي ۾ 200 ملي لٽر جي گنجائش آهي. جڏهن ته کير جي دٻي جي گنجائش 250 ملي لٽر آهي. ڪنهن جي گنجائش وڌيڪ آهي؟

جيئن ته 250ملي لٽر وڌيڪ آهن 200 کان

تنهنڪري ______________ جي گنجائش وڌيڪ آهي.

2. تيل جي ٽانڪي (الف) ۾ 60 لٽر جي گنجائش آهي، ٻئي ٽانڪي (ب) ۾ 65 لٽر جي گنجائش آهي. ٻڌايو ته ڪنهن جي گنجائش گهٽ آهي.

جيئن ته 60 گهٽ آهي 65 کان

تنهنڪري ______________ جي گنجائش گهٽ آهي.

3. هڪ هينڊ واش جي بوتل جي گنجائش 250 ملي لٽر آهي ۽ ٻي شيمپو جي بوتل جي گنجائش 500 ملي لٽر آهي. ٻڌايو ته ڪنهن جي گنجائش وڌيڪ آهي؟

جيئن ته 250 گهٽ آهن 500 کان

تنهنڪري ______________ ۾ گنجائش گهٽ آهي.

4. 4 لٽر پاڻي جي ڪولر جي گنجائش جي ڀيٽ 4 لٽر تيل جي ٽينڪ جي گنجائش سان ڪريو.

جيئن ته 4 برابر آهن 4 جي

تنهنڪري، پاڻي جي ڪولر ۽ تيل جي ٽينڪ جي گنجائش ______________ آهي.

5. پاڻي جي ٽانڪي ۾ 700 لٽر جي گنجائش آهي. جڏهن ته تيل جي ٽانڪي ۾ 600 لٽر جي گنجائش آهي. ڪنهن ۾ گنجائش وڌيڪ آهي.

جيئن 700 وڌيڪ آهن 600 کان

تنهنڪري ______________ ۾ گنجائش وڌيڪ آهي.

6. 100 ملي لٽر صابڻ جي بوتل جي گنجائش جي ڀيٽ 100 ملي لٽر خوشبوءِ جي بوتل سان ڪريو.

جيئن 100 برابر آهن 100 جي

تنهنڪري، صابڻ جي بوتل ۽ خوشبوءِ جي بوتل جي گنجائش ______________ آهي.

## جوڙ ڪٽ:

روز مره جي زندگي ۾ اسان مختلف شين جي گنجائش کي ساڳين ايڪن ۾ جوڙ ڪٽ ڪري سگهون ٿا. هتي ان جا ڪجهه مثال ڏجن ٿا.

### مثال 1:

هڪ جوس ٺاهيندڙ ڪمپني وٽ 300 لٽر صوف جو جوس ۽ 50 لٽر نارنگين جو جوس آهي. ٻڌايو ته جوس ڪمپني وٽ ڪُل ڪيترو جوس آهي؟




حل:

| | | |
|---|---|---|
| صوف جي جوس جي مقدار | = | 300 لٽر |
| نارنگين جي جوس جي مقدار | = | 50 لٽر + |
| جوس جي ڪل مقدار | = | 350 لٽر |

جوس جي ڪل مقدار ٿيندي 350 لٽر.

### مثال 2:

هڪ دواساز وٽ 250 ملي لٽر هڪ مخصوص دوا بوتل ۾ پيل آهي. هن کي 100 ملي لٽر دوا بوتل ۾ ملائڻ لاءِ وڌيڪ گهرجي. ٻنهي دوائن جي ملڻ کانپوءِ بوتل ۾ دوا جي ڪل ڪيتري مقدار ٿيندي؟




حل:

| | | |
|---|---|---|
| بوتل ۾ دوا جي مقدار | = | 250 ملي لٽر |
| وڌيڪ گهربل دوا جي مقدار | = | 100 ملي لٽر + |
| دوا جي ڪل مقدار | = | 350 ملي لٽر |

ان طرح بوتل ۾ دوا جي ڪل مقدار ٿيندي 350 ملي لٽر

### مثال 3:

پاڻي جي هڪ ٽئنڪر ۾ 500 لٽر پاڻي اچي ٿو. جيڪڏهن ان مان 50 لٽر پاڻي ڪيري ڇڏجي ته ٽئنڪر ۾ باقي ڪيترو پاڻي بچندو؟




حل:

| | | |
|---|---|---|
| پاڻي جي ٽئنڪر جي گنجائش | = | 500 لٽر |
| ڪيريل پاڻي جي گنجائش | = | 50 لٽر – |
| ٽئنڪر ۾ باقي بچيل پاڻي | = | 450 لٽر |

## مشق 8

1. جوس جي هڪ دٻي ۾ 200 ملي لٽر جي مقدار آهي. ٻئي دٻي ۾ 100 ملي لٽر جي مقدار آهي. ٻڌايو ته جوس جي دٻن جي ڪل گنجائش ڪيتري آهي؟

حل:

جوس جي هڪ دٻي جي گنجائش = ____________

جوس جي ٻئي دٻي جي گنجائش = ____________

جوس جي ڪل گنجائش = ____________

2. پاڻي جي هڪ ٽئنڪر ۾ 800 لٽر گنجائش آهي ۽ تيل جي ٽئنڪر ۾ 500 لٽر جي گنجائش آهي. ٻڌايو ته ٻنهي ٽئنڪرن جي ڪُل گنجائش ڪيتري آهي؟

حل:

پاڻي جي ٽئنڪر جي گنجائش = ____________

تيل جي ٽئنڪر جي گنجائش = ____________

ٻنهي ٽئنڪرن جي ڪُل گنجائش = ____________

3. گئس جي هڪ سلينڊر ۾ 45 لٽر گئس آهي. جيڪڏهن ان مان 15 لٽر گئس رڌڻ ۾ استعمال ٿي وڃي ٿي ته باقي گئس جي گنجائش ڪيتري بچندي؟

حل:

گئس سلينڊر جي ڪُل گنجائش = ____________

سلينڊر مان استعمال ٿيل گنجائش = ____________

سلينڊر ۾ بچيل گنجائش = ____________

4. خوشبوءِ جي هڪ بوتل ۾ 100 ملي لٽر جي مقدار آهي. جيڪڏهن ان مان 50 ملي لٽر استعمال ٿي وڃي ٿي ته خوشبوءِ جي بوتل ۾ باقي ڪيتري مقدار رهندي؟

حل:

خوشبوءِ جي بوتل ۾ ڪُل مقدار =

بوتل جي استعمال ٿيل مقدار = ____________

بوتل جي باقي بچيل مقدار = ____________

____________



## گرمي پد :

ڇا توهان پهرين ڪڏهن گرمي يا سردي محسوس ڪئي آهي؟ يقين سان توهان کي اونهاري ۾ گرمي لڳندي هوندي جڏهن توهان ٻاهر اسڪول يا گهر ڏانهن ويندا هوندا ۽ ساڳي ريت سيءُ ۾ ٿڌ لڳندي هوندي جڏهن توهان سوئيٽر نه پائيندو.









گرمي پد ڪنهن شئي جي گرم يا ٿڌي هجڻ جو ماپو آهي. گرمي جي درجي جي جنهن ايڪي سان ماپ ڪئي ويندي آهي تنهن کي ڊگري سينٽي گريڊ چوندا آهن. جسم جو ڊگري سينٽي گريڊ معلوم ڪرڻ لاءِ ٿرماميٽر استعمال ٿيندو آهي.

## گرمي پد کي پڙهڻ ۽ لکڻ:

معلوم هجي ته اسان ٿرماميٽر جي وسيلي سيلسيس اسڪيل (°C) تي گرمي جي درجي کي پڙهندا ۽ نوٽ ڪندا آهيون.

**مثال 1:** ٿرماميٽر تي گرمي جي درجي کي پڙهو.




ڏنل ٿرماميٽر ۾ ويجهو گرمي جو درجو 5 ڊگري سينٽي گريڊ ڏيکاريل آهي.

**مثال 2:** ٿرماميٽر تي گرمي جي درجي کي پڙهو.




ڏنل ٿرماميٽر ۾ ويجهو گرمي جو درجو 15 ڊگري سينٽي گريڊ ڏيکاريل آهي.

**مثال 3:** ٿرماميٽر تي گرمي جي درجي کي پڙهو.




ڏنل ٿرماميٽر ۾ ويجهو گرمي جو درجو 80 ڊگري سينٽي گريڊ ڏيکاريل آهي.

**مثال 4:** ٿرماميٽر تي گرمي جي درجي کي پڙهو.




ڏنل ٿرماميٽر ۾ ويجهو گرمي جو درجو 56 ڊگري سينٽي گريڊ ڏيکاريل آهي.

## گرمي پد جو پيمانو عددي لڪير جيان آهي.

اسان هڪ عددي لڪير استعمال ڪندا آهيون جنهن تي ننڍي کان وڏي تائين انگ ترتيب سان ڏيکاريل هوندا آهن. اسان لاءِ گرمي پد جو پيمانو به انهي عددي لڪير وانگر آهي.

عددي لڪير




مٿين شڪل ۾ عددي لڪير کي 0 کان اڳتي ويندي ڏيکاريو ويو آهي.
ساڳي ريت اسان گرمي پد جي پيماني کي به عددي لڪير جيان استعمال ڪري سگهون ٿا.




عددي لڪير تي اسان کي 0، 5، 10، 20 ۽ اڳتي تائين عدد مليل آهن. گرمي پد جي پيماني تي به گرمي پد جا ايڪا اسان کي 0°C، 5°C، 10°C، 20°C وانگر مليل آهن.
هاڻ ٿرماميٽر تان ورتل پيمائش کي عددي لڪير تي ڏيکاري سگهجي ٿو.

ڊگري سينٽي گريڊ ۾ گرمي پد جو پيمانو




جهڙي ريت اسان عددي لڪير تي ساڄي طرف اڳتي وڌون ٿا ته عدد وڌندا ويندا آهن بلڪل اهڙي ريت جيئن اسان ساڄي طرف گرمي پد جي پيماني تي اڳتي وڌنداسين ته گرمي پد وڌندو ويندو. ساڳئي نموني جيئن اسان کاٻي پاسي عددي لڪير تي اڳتي وڌنداسين ته عدد گهٽبا. ائين گرمي پد به اسان جي کاٻي پاسي وڃڻ سان گهٽجي ويندو.

## مشق 9

1. ڏنل ٿرماميٽر ۾ گرمي پد کي پڙهو.




ٿرماميٽر جو گرمي پد آهي ________________.

2. ڏنل ٿرماميٽر ۾ گرمي پد کي پڙهو.




ٿرماميٽر جو گرمي پد آهي ________________.

3. ڏنل ٿرماميٽر ۾ گرمي پد کي پڙهو.




ٿرماميٽر جو گرمي پد آهي ________________.

4. ڏنل ٿرماميٽر ۾ گرمي پد کي پڙهو.




ٿرماميٽر جو گرمي پد آهي ________________.

5. ڏنل ٿرماميٽر ۾ گرمي پد کي پڙهو ۽ عددي لڪير تي ڏيکاريو.




ٿرماميٽر جو گرمي پد آهي ________________.

6. ڏنل ٿرماميٽر ۾ گرمي پد کي پڙهو ۽ عددي لڪير تي ڏيکاريو.




ٿرماميٽر جو گرمي پد آهي ________________.

يونٽ 7

# وقت

## شاگردن جي سکيا جا نتيجا:

**هن حصي جا باب پورا ٿي وڃڻ کانپوءِ شاگرد ان قابل ٿيندا تہ:**

- ✓ عام گھڙيال ۾ وقت کي ڪلاڪن ۽ منٽن ۾ پڙهائي سگھندا.
- ✓ (خاص موقعن ۽ ڪمن ۾ لڳل وقت جو سراسري اندازو لڳائڻ لاءِ) وقت جي مدت معلوم ڪري سگھندا.
- ✓ عام زندگي ۾ ڪنهن خاص ڏينهن / تاريخ (هفتي يا مهيني) کي معلوم ڪرڻ لاءِ ڪئلينڊر جو استعمال اچي ويندو.



پهرئين ڪلاس ۾ اسان وقت کي ڪلاڪن ۾ پڙهڻ ۽ ٻڌائڻ سکيو هو. هن يونٽ ۾ اسان وقت کي ڪلاڪن ۽ منٽن ۾ پڙهڻ ۽ ٻڌائڻ سکنداسين. ان سان گڏ خاص موقعن ياڪمن ۾ لڳل وقت جو سراسري اندازو لڳائڻ لاءِ وقت جي مدت جي سڃاڻپ ڪنداسين.

## عام گھڙيال تان وقت جي ڪلاڪن ۽ منٽن ۾ سڃاڻپ ڪرڻ:

ڇا توهان کي عام گھڙيال تان ڪانٽن جي مدد سان ٽائيم ٻڌائڻ ايندو آهي؟ اسان عام گھڙيال ڪلاڪ ۽ منٽ ڏسڻ لاءِ استعمال ڪندا آهيون. پهرين اسان عام گھڙيال بابت معلوم ڪنداسين.

## عام گھڙيال ڇا آهي؟

عام گھڙيال گھڙيءَ جو اهڙو قسم آهي جنهن تي وقت ڪلاڪن ۽ منٽن جي ڪانٽن ذريعي ڏيکاريل هوندو آهي. انهن ڪانٽن کي گھڙيال جا ڪانٽا يا سوئيون به چوندا آهن. گھڙيال جي شڪل رواجي گھڙيال وانگر هوندي آهي، جنهن ۾ هڪ گول چرخي، 1 کان 12 تائين انگ ۽ ٻه ڪانٽا هوندا آهن.

عام گھڙيال




1. ننڍو ڪانٽو يا (ڪلاڪ واري سوئي): گھڙيال ۾ ڪلاڪ کي ظاهر ڪري ٿي.
2. منٽن وارو وڏو ڪانٽو يا (منٽن واري سوئي): گھڙيال ۾ منٽن کي ڏيکاري ٿي.

وڏو ڪانٽو (منٽن وارو ڪانٽو) گھڙيال جي شڪل ۾ ڏنل انگن تي اچي منٽ ٻڌائيندو آهي. گھڙيال ۾ ڏنل هر انگ 5 منٽن جو آهي ۽ وڏو ڪانٽو گھڙيال جي اندر (1 کان 5 منٽن) جي رفتار سان گھڙيال جي چوڌاري گھمندو آهي.

**مثال 1:**



جيڪڏهن ننڍو ڪانٽو 7 تي ۽ وڏو ڪانٽو 3 تي
آهي ته ٽائيم ڇا ٿيندو؟
ننڍو ڪانٽو 7 تي هجڻ جو مطلب آهي 7
ڪلاڪ گذري ويا آهن. ان سان گڏ وڏو ڪانٽو 3 تي
آهي ته معنىٰ 15 منٽ ٿيا آهن. (15 = 5 × 3) تنهنڪري
گهڙيال پڙهائي ته 7 لڳي 15 منٽ ٿيا آهن. جنهن کي اسان
هن طرح لکندا سين: 7:15

**مثال 2:**



جيڪڏهن ننڍو ڪانٽو 5 تي ۽ وڏو ڪانٽو 8 تي
آهي ته ٽائيم ڇا ٿيندو؟
ننڍو ڪانٽو 5 تي هجڻ جو مطلب آهي 5
ڪلاڪ گذري ويا آهن. ان سان گڏ وڏو ڪانٽو 8 تي
آهي ته معنىٰ 40 منٽ ٿيا آهن. (40 = 5 × 8) تنهنڪري
گهڙيال پڙهائي ته 5 لڳي 40 منٽ ٿيا آهن. جنهن کي اسان
هن طرح لکندا سين: 5:40

**مثال 3:**



جيڪڏهن ننڍو ڪانٽو 6 تي ۽ وڏو ڪانٽو 7 تي
آهي ته ٽائيم ڇا ٿيندو؟
ننڍو ڪانٽو 6 تي هجڻ جو مطلب آهي 6
ڪلاڪ گذري ويا آهن. ان سان گڏ وڏو ڪانٽو 7 تي
آهي ته معنىٰ 35 منٽ ٿيا آهن. (35 = 5 × 7) تنهنڪري
گهڙيال پڙهائي ته 6 لڳي 35 منٽ ٿيا آهن. جنهن کي اسان
هن طرح لکندا سين: 6:35

## مشق 1

ٽائيم پڙهايو.



## وقت جي مدت:

### وقت جي مدت ڇا آهي؟

- ڪنهن ڪم جي ختم ٿيڻ تائين جيڪو وقت لڳي ٿو ان کي وقت جي مدت چوندا آهن.
- ان جو مطلب اهو آهي ته ڪو ڪم جيتري وقت تائين جاري رهيو ان جي پيمائش ڪئي وڃي.

**مثال 1:**



هڪ ڇوڪرو 2:00 بجي برياني کائڻ شروع ڪري ٿو ۽ 2:15 تي ختم ٿو ڪري، ٻڌايو ته هن ڪيتري وقت ۾ برياني ختم ڪئي آهي؟

**حل:**

هن 15 منٽن ۾ برياني ختم ڪئي آهي.



**مثال 2:**

جيڪڏهن ڇوڪرا 5:00 بجي فٽبال راند کيڏڻ شروع ڪن ٿا ۽ 7:00 بجي ختم ٿا ڪن، ٻڌايو ته ڇوڪرن فٽبال مئچ کيڏڻ ۾ ڪيترو وقت لڳايو آهي؟

**حل:**

ڇوڪرن فٽبال مئچ کيڏڻ ۾ 2 ڪلاڪ لڳايا آهن.



**مثال 3:**

علي 8:00 بجي فلم ڏسڻ شروع ڪري ٿو ۽ فلم 11:00 بجي تائين هلي ٿي. ٻڌايو ته فلم ڏسڻ ۾ هن کي ڪيترو وقت لڳو آهي؟

**حل:**

فلم ڏسڻ ۾ هن کي 3 ڪلاڪ لڳا آهن.

**عملي ڪم:**

(i) توهان ڪارٽون ڪيتري دير تائين ڏسندا آهيو؟

(ii) توهان ننڊ ڪيتري دير تائين ڪندا آهيو؟

(iii) توهان اسڪول ۾ ڪيتري دير تائين پڙهندا آهيو؟

(iv) توهان تفريحي پارڪ گھمڻ لاءِ ڪيترو وقت لڳائيندا آهيو؟

## مشق 2

(1) جيڪڏهن خضر 6:00 بجي ڪارٽون ڏسڻ شروع ڪري ٿو ۽ 6:30 تي ختم ڪري ٿو. ٻڌايو ته هو ڪيتري دير تائين ڪارٽون ڏسي ٿو؟

حل:

هو ڪارٽون ڏسڻ ۾ ________ منٽ لڳائي ٿو.

(2) اِسريٰ پنهنجي پيءُ ماءُ سان گڏ 10:00 کان 1:00 تائين هڪ مختصر سفر لاءِ گهر کان ٻاهر وڃي ٿي. ٻڌايو ته هن کي سفر ۾ ڪيترو وقت لڳو آهي؟

حل:

هن کي سفر ۾ ________ ڪلاڪ لڳا آهن.

(3) جيڪڏهن هڪ مصور کي تصوير ٺاهڻ ۾ 3:00 کان 5:30 تائين وقت لڳو آهي ته ٻڌايو هن تصوير ٺاهڻ ۾ ڪيتري دير ڪئي آهي؟

حل:

هن کي تصوير ٺاهڻ ۾ ________ لڳا آهن.

(4) جيڪڏهن حنا ڪراچي مان 9:00 بجي رواني ٿئي ٿي ۽ حيدرآباد 11:00 بجي پهچي ٿي ته ٻڌايو هن کي سفر ۾ ڪيترو قت لڳو آهي؟

حل:

هن کي ڪراچي کان حيدرآباد تائين سفر ۾ ________ لڳا آهن.

## ڪئلينڊر جو استعمال:

پوئين ڪلاس ۾ اسان هفتي جي ڏينهن ۽ مهينن جا نالا ڪئلينڊر ۾ پڙهڻ سگهي آيا آهيون. هاڻ اسان ان معلومات کي هفتي يا مهيني جي ڪنهن خاص ڏينهن يا تاريخ معلوم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا سين.

## هفتي جي ڏينهن جا نالا:



سومر
پهريو ڏينهن



اڱارو
ٻيو ڏينهن



اربع
ٽيون ڏينهن



خميس
چوٿون ڏينهن



جمعو
پنجون ڏينهن



ڇنڇر
ڇهون ڏينهن



آچر
ستون ڏينهن

### عملي ڪم:

(i) اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟
(ii) سڀاڻي ڪهڙو ڏينهن ٿيندو؟
(iii) ڪالهه ڪهڙو ڏينهن هو؟

سال جي مهينن جا نالا:




عملي ڪم:

(i) هي ڪهڙو مهينو آهي؟
(ii) ٿيون مهينو ڪهڙو هوندو؟
(iii) گذريل مهينو ڪهڙو هو؟

## مثالي شمسي ڪئلينڊر:

### جنوري

| MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT | SUN |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ★ | ★ | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 |
| 6 | 7 | 8 | 9 | 10 | 11 | 12 |
| 13 | 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 |
| 20 | 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 |
| 27 | 28 | 29 | 30 | 31 | ★ | ★ |

### فيبروري

| MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT | SUN |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ★ | ★ | ★ | ★ | ★ | 1 | 2 |
| 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 |
| 17 | 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 |
| 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | ★ | ★ |

### مارچ

| MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT | SUN |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 31 | ★ | ★ | ★ | ★ | 1 | 2 |
| 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 |
| 17 | 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 |
| 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | 30 |

### اپريل

| MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT | SUN |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ★ | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 |
| 7 | 8 | 9 | 10 | 11 | 12 | 13 |
| 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 |
| 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 |
| 28 | 29 | 30 | ★ | ★ | ★ | ★ |

### مئي

| MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT | SUN |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ★ | ★ | ★ | 1 | 2 | 3 | 4 |
| 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 | 11 |
| 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 | 18 |
| 19 | 20 | 21 | 22 | 23 | 24 | 25 |
| 26 | 27 | 28 | 29 | 30 | 31 | ★ |

### جون

| MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT | SUN |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 30 | ★ | ★ | ★ | ★ | ★ | 1 |
| 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| 9 | 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 |
| 16 | 17 | 18 | 19 | 20 | 21 | 22 |
| 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 |

### جولاءِ

| MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT | SUN |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ★ | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 |
| 7 | 8 | 9 | 10 | 11 | 12 | 13 |
| 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 |
| 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 |
| 28 | 29 | 30 | 31 | ★ | ★ | ★ |

### آگسٽ

| MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT | SUN |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ★ | ★ | ★ | ★ | 1 | 2 | 3 |
| 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 |
| 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 | 24 |
| 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | 30 | 31 |

### سيپٽمبر

| MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT | SUN |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 |
| 8 | 9 | 10 | 11 | 12 | 13 | 14 |
| 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 | 21 |
| 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 |
| 29 | 30 | ★ | ★ | ★ | ★ | ★ |

### آڪٽوبر

| MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT | SUN |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ★ | ★ | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 |
| 6 | 7 | 8 | 9 | 10 | 11 | 12 |
| 13 | 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 |
| 20 | 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 |
| 27 | 28 | 29 | 30 | 31 | ★ | ★ |

### نومبر

| MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT | SUN |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ★ | ★ | ★ | ★ | ★ | 1 | 2 |
| 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 |
| 17 | 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 |
| 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | 30 |

### ڊسمبر

| MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT | SUN |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 |
| 8 | 9 | 10 | 11 | 12 | 13 | 14 |
| 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 | 21 |
| 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 |
| 29 | 30 | 31 | ★ | ★ | ★ | ★ |

اسان ڏنل مثالي ڪئلينڊر جي مدد سان هيٺين مثالن ڪي حل ڪريون.

## مثال 1:

رِديٰ جو جنم ڏينهن 13 آڪٽوبر آهي. ٻڌايو تہ هفتي جو اهو ڪهڙو ڏينهن بيهي ٿو؟

حل:

اسان صرف آڪٽوبر جي مهيني کي ڏسنداسين تہ رِديٰ جو جنم ڏينهن ڪهڙي ڏينهن تي آهي.




ڪئلينڊر ڏيکاري ٿو تہ رِديٰ جو جنم ڏينهن سومر جي ڏينهن تي آهي.

## مثال 2:

اسڪول ٻارن سالياني ايوارڊ تقريب 2 اپريل تي رکي وئي آهي. ٻڌايو تہ هفتي جو اهو ڪهڙو ڏينهن ٿيندو؟

حل:

اسان صرف اپريل جي مهيني کي ڏسنداسين تہ اسڪول جي سالياني تقريب ڪهڙي ڏينهن تي ٿي بيهي.




ڪئلينڊر ڏيکاري ٿو تہ اسڪول جي سالياني تقريب جو ڏينهن اربع آهي.

## مثال 3:

سرفراز جي گهروارن پڪنڪ تي وڃڻ لاءِ جنوري جي پهرين آچر جو منصـــوبو ٺاهيو آهي. ٻڌايو تہ پڪنڪ تي وڃڻ لاءِ اها ڪهڙي تاريخ ٿيندي؟

حل:

اسان صرف جنوري جي مهيني کي ڏسنداسين تہ سرفراز جا گهروارا ڪهڙي ڏينهن تي پڪنڪ لاءِ ويندا.




سرفراز جا گهروارا 5جنوري تي پڪنڪ تي ويندا.

## مثال 4:

جولاءِ جي مهيني ۾ ٽين خميس جي ڏينهن ڏاڏيءَ ملڻ لاءِ اچڻي رهي آهي. ٻڌايو تہ اهو ڪهڙو ڏينهن ٿيندو؟

حل:

اسان صرف جولاءِ جي مهيني کي ڏسنداسين تہ ڏاڏيءَ ڪهڙي ڏينهن تي ملڻ لاءِ اچي رهي آهي.




ڏاڏيءَ ملڻ لاءِ 17 جولاءِ تي اچي رهي آهي.

## مشق 3

1. احمد جو جنم ڏينهن 28 جون تي آهي. ٻڌايو ته هفتي جو ڪهڙو ڏينهن ٿيندو؟
حل:
احمد جو جنم ڏينهن ٿيندو ____________________.

2. اسڪول جي موڪل 11 نومبر تي آهي. ٻڌايو ته هفتي جواهوڪهڙو ڏينهن ٿيندو؟
حل:
اسڪول جي موڪل جو ڏينهن ٿيندو ____________________.

3. ڪامران جي گهروارن جون جي ٻئي ڇنڇر تي پڪنڪ وڃڻ جو منصوبو ٺاهيو آهي.
ٻڌايو ته پڪنڪ لاءِ اها ڪهڙي تاريخ ٿيندي؟
حل:
تاريخ ٿيندي____________________.

4. اسڪول پاران راندين جو ميلو فيبروري جي ٽئين سومر تي رکيو ويوآهي.
ٻڌايو ته اها ڪهڙي تاريخ ٿيندي؟
حل:
تاريخ ٿيندي____________________.

5. اسان جي ملڪ جي آزادي جو ڏينهن هفتي جي ڪهڙي ڏينهن تي ملهايو ويو آهي؟
حل:
ملڪ جي آزادي جو ڏينهن ملهايو ويو آهي ____________________تي.

يونٽ 8

# جاميٽري

## شاگردن جي سکيا جا نتيجا:

**هن حصي جا باب پورا ٿي وڃڻ کانپوءِ شاگرد ان قابل ٿيندا تہ:**

- ✓ ٻہ ـ طرفي پکيڙ وارين شڪلين (مستطيل، چورس، گول، ٽڪنڊي، اڌگول ۽ چوٿائي گول) کي انهن جي خاصيتن سبب سڃاڻي ۽ سمجهي سگهندا.
- ✓ ٽہ ـ طرفي پکيڙ وارين شڪلين (ڪعب، مڪعب، مخروط، سليندر ۽ گولي نما شڪلين کي مختلف رُخن کان سڃاڻي ۽ سمجهي سگهندا.
- ✓ ڪنهن بہ شئي جي ويهڪ طرف ۽ حرڪت جي سُبتي ۽ اُبتي ڦيري، چوٿائي، اڌ ۽ ٽہ ـ چوٿائي ڦيرن کي مناسب ٻولي جي استعمال (مثال طور: اندر، ٻاهر، مٿي، هيٺ، مٿان، هيٺان، پري، ويجهو، اڳيان، پويان، پر ۾، وچ ۾، کاٻي، ساڄي ۽ سامهون، چوٿائي ڦيرو، اڌ ڦيرو، ٽہ ـ چوٿائي ڦيرو، سبتو ڦيرو، اُبتو ڦيرو، پٺيان وغيره) ذريعي وضاحت ڪري سگهندا.



جاميٽري اسان جي هر پاسي موجود آهي! ڇاتوهان ڪڏهن ڪنهن عمارت، رانديڪي يا ڪنهن معمي نما شيءِ تي نظر وڌي آهي ۽ ان جي شڪل تي سوچيو آهي؟ جاميٽري رياضي جي اها شاخ آهي جنهن جو واسطو شين جي شڪل، جسامت ۽ بيهڪ سان آهي.



## ٻہ - طرفي پکيڙ واريون شڪليون:

## ٻہ - طرفي پکيڙ واريون شڪليون ڇا هونديون آهن؟

ٻہ - طرفي پکيڙ واريون شڪليون هموار هونديون آهن. انهن کي صرف ڏيگهه ۽ ويڪر هوندي آهي. اسان کي پنهنجي چوڌاري ٻہ - طرفي پکيڙ واريون شڪليون شين جي شڪلين کان وٺي فرش جي نمونن تائين ملي سگهن ٿيون.








اسان انهن سڀني کي تفصيل سان سکنداسين.

## مستطيل:

هيٺين شڪلين کي ڏسو.



موبائل　　دروازو　　ڪتاب　　ڪاٺي جو بلاڪ

هي سيئي شڪليون جسامت جي لحاظ کان مستطيل آهن.

## مستطيل جي وصف :

مستطيل اها ٻہ ـ طرفي پڪيڙواري شڪل آهي. جنهن کي چار ڪنڊون ۽ چار پاسا هوندا آهن.




- مستطيل جا ڏيگهہ ۾ آمهون سامهون وارا پاسا برابر ٿيندا آهن ۽ سيئي پاسا سڌا هوندا آهن.
- مستطيل جو ڊگهو پاسو ان جي ڏيگهہ هوندي آهي جڏهن تہ ننڍو پاسو ان جي ويڪر ٿيندي آهي.

مستطيل جي شڪل ڪيڏڻ لاءِ اسان چارپاسن واريون لڪيرون ڪيدنداسين جن جا آمهون سامهون وارا پاسا برابر هوندا.

**مثال :**

هڪ مستطيل ٺاهيو جنهن جي ڊيگهه 10 سينٽي ميٽر ۽ ويڪر 4 سينٽي ميٽر آهي.




**چورس:**

هنن شڪلين کي ڏسو



گهڙيال | ايل سي ڊي | لُڊو | رجسٽر

هي سڀ شڪليون جسامت ۾ چورس آهن.

چورس ٻه - طرفي پکيڙ جي شڪل جو ٺيندو آهي جنهن کي چار ڪُنڊون هونديون آهن. چورس جا سيئي پاسا ڊيگهه ۾ برابر ۽ سدا هوندا آهن.



چورس ڪڍڻ لاءِ اسان چار سڌن پاسن واريون لڪيرون ڪڍنداسين جنهن جا سيئي پاسا برابر هوندا.

**مثال :**

چورس ٺاهيو جنهن جي هرپاسي جي ڊيگھ 10 سينٽي ميٽر آهي.




## گول:

هنن شڪلين کي ڏسو.




هي سيئي شڪلون گول آهن.

## گول جي وصف :

گول اهڙي دائري نُما شڪل کي چوندا آهن جنهن کي ڪندون يا پاسا نہ ٿيندا آهن.





گول ڪڍڻ جو طريقو :

1. پني تي جتي توهان گول ڪڍڻ چاهيو اتي نقطو لڳايو.
2. پينسل جي چهنب کي نقطي جي مٿان رکو.
3. پينسل کي گول دائري ۾ گهمائيندا وڃو بلڪل ائين جڻ توهان نقطي کي ياڪر ۾ وٺڻ ٿا چاهيو.

## ٽڪنڊو:

هنن شڪلين کي ڏسو.



هي سڀئي شڪليون ٽڪنڊيون آهن.




ٽڪنڊو اها ٻه ـ طرفي پکيڙواري شڪل آهي جنهن کي ٽي پاسا ۽ ٽي ڪنڊون ٿينديون آهن.

ٽڪنڊو ڪڍڻ جو طريقو :

1. ٽي نقطا پني تي برابر فاصلي سان ڪڍي شروعات ڪريو. هي نقطا توهان جي ٽڪنڊي جون ٽي ڪنڊون ٿينديون.
2. هڪ نقطي کي ٻئي نقطي سان سڌي لڪير ڪڍي ملايو.

3. ٻئي نقطي کي ٽئين سان سڌي لڪير ذريعي ملايو.
4. آخر ۾ ٽئين نقطي کي پهرئين سان سڌي لڪير ذريعي ملايو.



## اڌ گول:

هنن شڪلين کي ڏسو.











هي سڀ شڪليون اڌ گول جون آهن.

## اڌگول جي وصف:

اڌگول اهڙي شڪل کي چئبو آهي جيڪا ڪنهن مڪمل گول کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿاهي وجي.

اڌگول ڪڍڻ جو طريقو:

1. پورو گول ڪڍي شروعات ڪئي وڃي.
2. گول جي وچان هڪ سڌي لڪير ڪڍي ٻن برابر حصن ۾ ورهايو.






## چوٿائي گول :

هنن شڪلين کي ڏسو.







هئي سيئي شڪليون چوٿائي گول جون آهن.

## چوٿائي گول جي وصف:

چوٿائي گول


چوٿائي گول جي شڪل گول کي چار برابر حصن ۾ ورهائي ٺاهي ويندي آهي.

## چوٿائي گول ٺاهڻ جو طريقو:

1. شروعات ۾ هڪ وڏو گول ڪڍيو.
2. گول جي وچان لڪير ڏيئي ٻن حصن ۾ ورهايو.
3. هڪ ٻي لڪير ڪڍيو جيڪا هر حصي کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي.



### مشق 1

1. ڏنل نموني مطابق شڪلين ۾ رنگ ڀريو.



نمونو:

| | | |
|---|---|---|
| چوٿائي گول | | واڱڻائي |
| ٽڪنڊو | | نيرو |
| اڌ گول | | سائو |
| چورس | | پيلو |
| گول | | ڳاڙهو |

2. ڏنل نموني مطابق شڪلين ۾ رنگ ڀريو.



نمونو:

| | |
|---|---|
| ڳاڙهو |  |
| نيرو |  |
| سائو |  |
| پيلو |  |

3. هر هڪ شڪل کي سڃاڻي ان تي نالو لکو. انهن مان روزمره جي زندگي ۾ ڪم ايندڙ شين جون شڪليون ٺاهيو.

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| گول | | | |
|  | | | |

4. هيٺ ڏنل ٽٽل لڪيرن واريون شڪليون ٺاهيو.



## ٽي - طرفي پکيڙ واريون شڪليون:

اسان روزمره جي زندگي ۾ پنهنجي چوڌاري ڪيترين ئي شين ڏسون ٿا جن جي جسامت مختلف طرح جي هوندي آهي. ڪن شين جا متاچرا هموار هوندا آهن ڪي مڙيل يا گولائي واريون هونديون آهن. هن حصي ۾ اسان ٽي - طرفي پکيڙ وارين شڪلين جي باري ۾ سکنداسين جن کي اسان روزمره جي زندگي ۾ ڏسندا آهيون.

## ٽي - طرفي پکيڙ وارين شڪلين جي سڃاڻپ:

ٽي - طرفي پکيڙ واري شڪل اهڙي هوندي آهي جنهن کي ڊيگهه، ويڪر ۽ اوچائي ٿيندي آهي. اسان ٽي - طرفي پکيڙ وارين شڪلين کي انهن جي مختلف ڪندن ۽ پاسن کان ڏسي سگهون ٿا. اچو ته پنج عام ٽي - طرفي پکيڙ وارين شڪلين بابت سکون:



مڪعب




ڪعب



مخروط



سلينڊر



گولو

**ڪعب :**

ڪعب اهڙي شڪل آهي جنهن کي ڇهه برابر ماپ جا چورس پاسا ٿيندا آهن.




**مثال :**

ڇڪو، گفٽ وارو ڏٻو ۽ سينگار ميز






**مڪعب :**

مڪعب جي شڪل کي ڇهه مستطيل پاسا ٿيندا آهن.

**مثال :**

ڪتاب، سِرُ ۽ ماچس



## مخروط :

مخروط اهڙي شـــــــڪل آهي جنهن کي گول تَرو ٿيندو آهي ۽ مٿاچرو گولائي ۾ وڃي چُهنبيارو ٿي ويندو آهي.


مخروط

**مثال :**

آئسڪريم ڪون، سالگره جي ٽوپي ۽ ڪيف



## سلينڊر :

سلينڊر شــڪل کي ٻه گول ترا ٿيندا آهن جيڪي هڪ گولائي واري مٿاچري سان ڳنڍيل هوندا آهن.


سلينڊر

**مثال :**

پاڻي جي بوتل، گئس جو سلينڊر ۽ ڪولڊ ڊرنڪ جي بوتل.



### گولو:

گولي جي شڪل گول ۽ بال وانگر گولائتي هوندي آهي.



گولو

**مثال :**

باسڪٽ بال، دنيا جو گولو ۽ نارنگي







### بيهڪ جي وضاحت :

شيون مختلف حالتن ۾ نظر اچي سگهن ٿيون.

هتي شين جي بيهڪ جي وضاحت لاءِ هيٺيان لفظ مثالن جي صورت ۾ ڏنا ويا آهن.

### 1. اندر ۽ ٻاهر

ڪتاب ٿيلهي جي اندر آهي ۽ رجسٽر ٿيلهي کان ٻاهر آهي.





2. **مٿي ۽ هيٺ**

تصوير صوفي کان مٿي ۽ گھڙيال جي هيٺ آهي.



3. **مٿان ۽ هيٺان**



4. پري ۽ ويجهو :

ڏيکي گهر جي ويجهو آهي ۽ ٻڪري گهر کان پري آهي.




## طرف جي وضاحت:

شـــــيون جڏهن حرڪت ۾ اينديون آهن ته اهي پنهنجو طرف ۽ رخ تبديل ڪري ٿيون سگهن. اسان انهن حرڪتن جي وضاحت لاءِ مخصوص لفظ استعمال ڪندا آهيون.

1. سُبتو ڦيرو (ساڄي طرف مُڙڻ):

گهڙيال جا ڪانٽا 12 کان 3 ڏانهن حرڪت ڪن ٿا. انهي کي سبتي طرف ڦيرو چئبو.



**مثال :**

ڦيٿو سُبتي طرف گُهمي رهيو آهي.



## 2. اُبتو ڦيرو (ڪاٻي طرف مُڙڻ):

تصور ڪريو ته گهڙيال جا ڪانٽا 12 کان 9 ڏانهن حرڪت ڪن ٿا. انهي کي اُبتي طرف ڦيرو چئبو.



**مثال :**

ڌرتي سج جي چوڌاري اُبتي ڦيري سان گھمندي آهي.



3. چوٿائي ڦيرو، اڌڦيرو ۽ ٽه ـ چوٿائي ڦيرو :



## حرڪت جي وضاحت:

شيون هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه تائين حرڪت ڪري سگهن ٿيون.

**مثال :**

بال ديوار جي ڪند کان گُهمي رستي تي آيو.



1) بس اسڪول وڃڻ لاءِ جبل مٿي چڙهي.



2) ڪتو پنهنجي مالڪ سان ملڻ لاءِ ڏاڪڻ مٿي ڊوڙپاتي.



3) سائيڪل سوار پارڪ جي رستي تي سائيڪل هلائي



يونٽ 9

# ماريات ۽ امڪان

## شاگردن جي سکيا جا نتيجا:

**هن حصي جا باب پورا ٿي وڃڻ کانپوءِ شاگرد ان قابل ٿيندا ته:**

- ✓ معلوماتي تصويرن ۽ خانيدار شڪلين وسيلي روزمره جي مسئلن جي حل لاءِ انگ اکرپڙهي تشريح ڪري سگهندا.
- ✓ حسابي ٻولي جي لفظ (ناممڪن، گهٽ امڪان، گهڻو امڪان، نہ ٿيڻ جهڙو ۽ لازمي) جو استعمال ڪندي روزمره ٿيندڙ ڳالهين جي امڪان جي وضاحت ڪري سگهندا.



هن باب ۾ اسان معلوماتي تصويرن ۽ خانيدار شڪلين وسيلي انگ اکرپڙهڻ ۽ تشريح ڪرڻ سکنداسين ۽ گڏو گڏ آئيندي جي باري ۾ ڪااڳڪٿي به ڪري سگهبي.

## معلوماتي تصويرون:

معلوماتي تصوير اهڙي قسم جي تصوير آهي جنهن ۾ شڪلين ذريعي چاڻ ڏيکاريل هوندي آهي.

### مثال 1:

هيٺين معلوماتي تصوير ۾ شاگردن جي پسنديده راندين ڪي ڏيکاريو ويو آهي. معلوماتي تصوير ۾ ڏنل انگ اکر پڙهي تشريح ڪريو.

| شاگرد | پسنديده راند |
|---|---|
|  |  |
|  |  |
|  |  |

هن معلوماتي تصوير ۾ شاگردن لاءِ ڏنل شڪل جي سامهون هڪ پسنديده راند ڏنل آهي. تنهڪري، جيڪڏهن اسان فٽبال لاءِ ٻه شڪلون ڏسون ٿا ته ان جو مطلب ٿيندو: 2 شاگرد فٽبال کي پسند ڪن ٿا. ساڳي ريت 3 شاگردن کي ڪرڪيٽ پسند آهي ۽ هڪ شاگرداڻي ٽينس کي تي پسند ڪري.

### مثال 2:

هيٺين معلوماتي تصوير ۾ جانورن کي ڏيکاريو ويو آهي. جيڪڏهن هر جانور جي شڪل لاءِ ٻه جانور آهن ته تصوير ۾ ڏنل انگ اکر پڙهي تشريح ڪريو.

| نالا | جانورن جو تعداد |
|---|---|
| مڇي |  |
| ٻلي |  |
| ڪتا |  |

هن تصوير ۾ هر جانور جي شڪل لاءِ 2 جانور آهن. تنهڪري، جيڪڏهن اسان ڪتي جي 5 شڪلين کي ڏسون ٿا ته ان جو مطلب ٿيندو: $2 \times 5 = 10$ ڪتا موجود آهن. ساڳيو نتيجو ٻلي ۽ مڇي جي شڪل لاءِ به ڪڍي سگهجي ٿو.

## عملي ڪم:

هيٺين معلوماتي شڪل ۾ مال برداري لاءِ گاڏين کي ڏيکاريو ويو آهي.
تصوير ۾ ڏنل انگ اکر پڙهي تشريح ڪريو.

| نالا | گاڏين جو تعداد |
|---|---|
| بس |  |
| سائيڪل |  |
| ڪار |  |
| هر شڪل لاءِ 4 گاڏيون آهن | |

هن تصـــوير ۾ هر گاڏي جي شڪل لاءِ 4 گاڏيون آهن. جيڪڏهن اسان ڪارن جي 6 شڪلين کي ڏسون ته ان جو مطلب ٿيندو: 4 x 6 = 24 ڪارون. ساڳي ريت سائيڪلن ۽ بسن لاءِ به نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو.

### خانيدار شڪليون:

خانيدار شـــڪل اهڙي شـــڪل هوندي آهي جنهن ۾ خانا يا لڪيرون انگ اکر ڏيکارڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن. هر خانو يا لڪير شين جي مخصوص تعداد کي ظاهر ڪري ٿو.




### مثال 1:

هيٺين خانيدار شڪل ۾ ناصر جي ٽن مختلف ڏينهن ۾ سمهڻ جي ڪلاڪن کي ڏيکاريو ويو آهي. خانيدار شـــڪل جي انگ اکرن کي پڙهي تشريح ڪريو.

هن شـــڪل ۾ هر خاني لاءِ 1 ڪلاڪ ڏيکاريل آهي. تنهنڪري جيڪڏهن اسان آچر جي ڏينهن لاءِ 9 خانا ڏسندا سين ته ان جو مطلب اهو ٿيندو: آچر جي ڏينهن 9 ڪلاڪ ستو آهي. ساڳي ريت سومر ۽ اڱاري جي ڏينهن جي به تشريح ڪري سگهجي ٿي.

## مثال 2:

هيٺين خانيدار شڪل ۾ شاگردن جي پســـــنديده رنگن ڪي ڏيکاريو ويو آهي. شڪل جا انگ اکر پڙهي تشريح ڪريو.




هن خانيدار شــڪل ۾ هر خاني لاءِ ٻه شــاگرد آهن. تنهڪري، جيڪڏهن اسان ڳاڙهي رنگ لاءِ 5 خانن کي ڏسون ٿا ته ان جو مطلب ٿيندو: $5 \times 2 = 10$ شاگرد ڳاڙهي رنگ کي پسند ڪن ٿا. ساڳي ريت 3 خانا نيـــــري رنگ لاءِ آهن جنهن جو مطلب ٿيندو: $2 \times 3 = 6$ شاگرد نيري رنگ کي پسـند ڪن ٿا ۽ 4 خانا سائي رنگ لاءِ آهن جنهن جو مطلب ٿيندو: $2 \times 4 = 8$ شاگرد سائي رنگ کي پسند ڪن ٿا.

## مثال 3:

هيٺين خانيدار شڪل ۾ شاگردن جي پسـنديده فروٽ کي ڏيکاريو ويو آهي. شڪل جا انگ اکر پڙهي تشريح ڪيو.




هن خانيدار شڪل ۾ هر خاني لاءِ 3 شاگرد آهن. تنهنڪري، جيڪڏهن اسان نارنگين لاءِ 8 خانن کي ڏسون ٿا ته ان جو مطلب ٿيندو: 3 × 8 = 24 شاگرد نارنگي کي پسند ٿا ڪن. ساڳي ريت صوف ۽ ڪيلي جي تشريح ڪري سگهجي ٿي.

## ڪنهن ڳالهه جي ٿيڻ جو امڪان:

ڇا توهان ڪڏهن انهي ڳالهه تي سوچيو آهي ته اڄ سڄو ڏينهن سج هوندو يا برسات پوندي؟ يا ڪنهن خاص رنگ جي ٽافي ٿيلهي مان ملڻ جو ڪيترو امڪان آهي؟ اسان ڪنهن ڳالهه جي ٿيڻ جي امڪان جي وضاحت خاص لفظن سان ڪري سگهون ٿا. اهڙا لفظ آهن: ناممڪن، گهٽ امڪان، گهڻو امڪان، نه ٿيڻ جهڙو ۽ لازمي.

**ناممڪن:** جيڪا ڳالهه ناممڪن آهي سا ڪڏهن به نه ٿيندي.

**مثال :**

| | |
|---|---|
| ٻليءَ لاءِ پونڪڻ ناممڪن آهي.  | گهوڙي لاءِ اُڏامڻ ناممڪن آهي.  |

## گهٽ امڪان:

جنهن ڳالهه جو گهٽ امڪان هوندو آهي سا نہ ٿيڻ جهڙي هوندي آهي.

مثال :

جهڙالي ڏينهن تي آسمان ۾ اندلٺ جا رنگ ظاهر ٿيڻ جو گهٽ امڪان هوندو آهي.



ڪنهن ڇوڪري لاءِ پڳل پير سان ڊوڙڻ جو گهٽ امڪان هوندو آهي.



## گهڻو امڪان:

ڪنهن ڳالهه جي ٿيڻ جو گهڻو امڪان هجڻ جو مطلب آهي تہ ان جي ٿيڻ جا موقعا گهڻا آهن.

مثال :

ان ڳالهه جو گهڻو امڪان آهي تہ بال ڪِرڻ ڪانپوءِ ٽپو کائي.



ان ڳالهه جو گهڻو امڪان آهي تہ علي جي ڏاڏيءَ ٿڌ جي موسم ۾ بيمار ٿي پوي.



## نہ ٿيڻ جهڙو:

ڪا ڳالھ نہ ٿيڻ جهڙي جو مطلب آهي تہ ان جو امڪان ناهي.

**مثال :**

گل جو ريگستان ۾ ڦٽڻ نہ ٿيڻ جهڙي ڳالھ آهي.





ڪار جو هوا ۾ اُڏامڻ نہ ٿيڻ جهڙي ڳالھ آهي



## لازمي:

جنهن ڳالھ جي پڪ هوندي آهي سا لازمي ٿيندي.

**مثال :**

اها لازمي ڳالھ آهي تہ ڏينهن ڪانپوءِ رات ٿيندي آهي.




بال هٿ مان نڪرندو تہ لازمي هيٺ ڪرندو



## مشق 1

.1 هيٺ ڏنل معلوماتي تصوير ۾ گاڏيون هڪ سگنل وٽان گذري رهيون آهن.

في تصوير = آهي 2 گاڏين جي




تصوير کي ڏسي هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.

(الف) ڪهڙيون گاڏيون تعداد ۾ وڌيڪ آهن؟

(ب) ڪهڙيون گاڏيون تعداد ۾ گهٽ آهن؟

(ج) سگنل وٽان ڪيتريون بسون گذريون؟

(د) سگنل وٽان ڪيتريون موٽر سائيڪلون گذريون؟

(س) ڪيتريون وينون ۽ موٽر سائيڪلون گڏجي گذريون؟

2. هيٺ ڏنل تصوير ۾ جانورن جي باغ ۾ جانورن جو تعداد ڏيکاريو ويو آهي.
هر تصوير لاءِ 2 جانور ڏنل آهن.



تصوير کي ڏسي هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.

(الف) شينهن ڪيترا آهن؟

(ب) سڀ جانور ڪيترا آهن؟

(ج) شينهن کان لومڙن جو تعداد ڪيترو وڌيڪ آهي؟

(د) باغ ۾ ڪيترن قسمن جا جانور آهن؟

(س) سڀ کان وڌيڪ ڪهڙا جانور آهن؟

(ش) سڀ کان گهٽ جانور ڪهڙا آهن؟

3. سياٽي ڏينهن ٿيڻ جو ڪيترو امڪان آهي؟
4. ٻليءَ جي ٻونڪڻ جو ڪيترو امڪان آهي؟
5. ٿيلهي مان خاص رنگ جي ٽافي ملڻ جو ڪيترو امڪان آهي؟
6. ڪتي جي مياؤن مياؤن ڪرڻ جو ڪيترو امڪان آهي؟
7. بال جي ڪِرڻ کانپوءِ ٽپو کائڻ جو ڪيترو امڪان آهي؟